Mirza Qaleech Baig 6 to 8

Mirza Qaleech Baig

6 Islam jaa 72 Firqaa

7 Jismani verzish

8 Islam Mein Ilm Jee Gholha

[6]

اسلام جا ٽيهتر فرقا

اسلام جو دين آهي، الله تعالى کي هڪ سمجهڻ ۽ سڀ ڳالهه ۾ انهيءَ جي رضاجوئي ڪرڻ ۽ ان جي آڏو سر جهڪائڻ. جيڪو انهيءَ دين تي قائم ٿو رهي ۽ خدا کي هڪ ٿو ڄاڻي ۽ محمد مصطفى صلي الله عليه وسلم جن کي سچو رسول ٿو ڄاڻي، تنهن کي ”مسلمان“ ٿو چئجي. سچي اعتقاد ۾

ايمان واري مسلمان کي ”مومن“ چون ٿا ۽ اُهو، دين جي اصولن ۽ فروعن تي، يعني حضرت جن جي شريعت تي، پوريءَ طرح ٿو هلي. مذهب، دين جي طريقي کي ٿا چون، ۽ اهڙا طريقا گهڻا آهن، جنهنڪري مذهب جا فرقا گهڻا ٿيا. حضرت صلي الله عليه وسلم جن جي حديث آهي ته: ”مون کان پوءِ منهنجيءَ امت ۾، ٽيهتر فرقا ٿيندا، انهن مان هڪڙو، ناجي يا نجات حاصل ڪرڻ وارو هوندو ۽ جنت ۾ ويندو ۽ ٻيا سڀ، گمراهه هوندا ۽ جهنم ۾ ويندا. ناجي فرقو اهو آهي، جو منهنجي اڇوڪيءَ سنت تي ٿو هلي.“ حضرت جن جي حياتيءَ ۾ ته فرقا ڪين هئا، سڀ مسلمان هئا، ۽ انهن ۾ ٻه گهڻا، ظاهر توڙي باطن ۾ سچا مسلمان هئا ۽ پوري ايمان وارا هئا، جنهنڪري انهن کي ”مومن“ چوڻ ۾ آيو، ٻيا ظاهري مسلمان هئا، مگر اندر ۾ پورو ايمان نه هونِ، تنهنڪري انهن کي ”منافق“ چوڻ ۾ آيو. حضرت صلي الله عليه وسلم جن جي

وفات کان پوءِ، خلافت جي ڪري، فرق پيدا ٿيو، جو وڌندو ويو ۽ چوٿين خليفي، حضرت عليءَ کان پوءِ، اُهو زياده ٿيو، جنهنڪري اسلام جا پهريان ٻه وڏا مذهبي فرقا، سني ۽ شيعا، ٿيا. انهن ٻنهي جو، کهڙين ڳالهين ۾ فرق، اختلاف ۽ تڪرار آهي، سو اسان ڏار، پنهنجي ڪتاب ”حجه الشيعه“ ۾، مفصل طرح ڏيکاريو آهي. هتي، فقط هيترو چوڻ بس آهي، ته سني، اهي آهن، جي حضرت جن کان پوءِ، حضرت عليءَ کي، چوٿون خليفو، ماڻهن جي چونڊ سان ٿيل، سمجهن ٿا، ۽ خليفي حضرت ابوبڪر کي، پهريون خليفو ۽ افضل الناس بعد النبي ٿا ڄاڻن. شيعا، اهي آهن، جي حضرت صلي الله عليه وسلم جن کان پوءِ، خدا جي حڪم موجب، امت جي ديني ۽ دنيوي هدايت لاءِ، حضرت علي ابن ابي طالب کي، پهريون خليفو ۽ امام ۽ وصي ۽ امير المؤمنين ڪري ٿا ڄاڻن، ۽ انهيءَ کان پوءِ، سندس اولاد، پشت به پشت، جن کي ٻارهن امام ٿا چون. انهيءَ ڪري،

شيعن کي ”اثنا عشري“ ۽ ”اماميه“ به سڏين ٿا. انهيءَ کان پوءِ، انهن ۾ پنهي فرقن مان به، پيا فرقا ٿيا- جهڙا سنين ۾ تهڙا شيعن ۾- شيعن مان پوءِ، اسماعيلي ٿيا، جي فقط ڇهرين ائن امامن کان پوءِ، پيا امام شمار ڪرڻ لڳا، ۽ انهن ۾ به، وري فرق پوڻ لڳا ۽ پيا وڏا فرقا ٿيا، جن مان اڄا تائين هڪڙا ”بوهرا“ ۽ پيا ”خواجه“ هلندا اچن. انهن جي مذهب جو تفصيل، اسان جي ڪتاب ”تحفه اسماعيليه“ ۾ ڏنل آهي، جو اُتي ڏسڻ گهرجي. پر خود اثنا عشري يا امامي شيعن منجهه به، به فرقا آهن - هڪڙا اخباري ۽ پيا اصولي - جن جو هتي بيان ڪرڻ جو ضرور ناهي. ڪي، متعزليه فرقي کي به، اثنا عشري شيعن جو ٽيون فرقو، چوندا آهن.

اهل سنت والجماعت جا به، چار وڏا فرقا آهن، جي سندن چئن مجتهد امامن جي مذهبن تي پڌل آهن. هڪڙو امام ابوحنيفه، جنهن جا پيروي ڪندڙ حنفي ٿا سڏجن، پيو شافعي، جو شافعي، سنين

جو مهندار آهي، ٿيون امام مالڪ، جو مالڪ سنين جو اڳواڻ آهي، □ چوٿون حنبل، جنهن جا پيروي ڪندڙ ”حنبلي“ ٿا سڏجن. انهن جي وچ □، جيڪو فرق آهي، سو سنين جي ڪتابن □، عقايد توڙي فقه جي به نسبت، مفصل طرح ڏنل آهي □ اسان جي ڪتاب ”شرع محمدي“ □ ڪن پين مان به، معلوم ٿي سگهندو.

هتي اسين، هڪڙي ناجي فرقي کي ڇڏي، باقي مشهور ٻاهتر فرقن جا نالا □ انهن جا مختصر اصول ڏيکاريندا سين، جن مان، انهن جو فرق معلوم ٿيندو. پهرين، انهن جا ڇهه وڏا فرقا آهن، جن مان هر هڪ جا ٻارنهن فرقا آهن، يعني ڇهن اصلن يا ٽڙن مان، ٻارنهن ٻارنهن شاخون ٿيون، جنهنڪري ڪل ٻاهتر ٿيا، جن جو تڪرار هلندو اچي، جيئن حافظ شيرازي ٿو چوي ته:

(بيت)

جنگ هفتاد ودو ملت، همه را عذر بنه،

چون نه ديدند حقيقت، رمه افسانه زدند.

اهي ڇهه وڏا فرقا، هي آهن: جبريه، قدريه، مرجيه، جهيميه، خارجيه، رافضيه.
(الف) جبريه: اُهي سني مسلمان آهن، جن جو عام ۽ مجمل اعتقاد هيءُ آهي، ته ڪين ذاتي، ڪنهين به قسم جي طاقت ڪانهي، حتي ڪ توري ۽ پيشاب ڪرڻ، ۽ ڪائڻ ۽ پيئڻ وغيره جي به ناهي ۽ توفيق، فعل يا ڪم ڪرڻ ڪان اڳي تي ٿئي ۽ نه پوءِ، انهيءَ فرقي جون ٻارنهن شاخون، هي آهن: (1) نجاريه: اهي وسهن ٿا ته خدا تعالى، مخلوقات ڪي، علم تي خلقيو آهي ۽ نه معلوم تي انهيءَ ڪري هو جيڪا سزا بندن ڪي ڏيندو، سا سندس (خدا جي) ڪمن جي ٿي، ۽ نه بندن جي ڪمن جي، (2) مضطريه: جن جو اعتقاد اهو آهي، ته جيڪي اسين ڪريون ٿا، سو لاچاريءَ سان ۽ بيوسيءَ ڪان ٿا ڪريون، نه پنهنجي اختيار سان، بلڪ نعوذ بالله، وضو ۽ استنجا به خدا تعالى ٿو ڪرائي!
(3) معيه: انهن جو اعتقاد آهي، ته بندن ڪي به ڪم ڪرڻ جي طاقت برابر آهي،

پر جيڪو به ڪم، هو ڪن ٿا، سو خدا جو ڪم آهي. (4) افعاليه: انهن جي سمجهه موجب، جيڪي به اسين ڪريون ٿا، سو اسان جو فعل آهي، پر نالي طور. حقيقت ڪري، اسان ڪي، ڪنهن به فعل يا ڪم ڪرڻ جي طاقت ڪانهي. (5) مفروضيه: جن جو عقيدو آهي، ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو، ڪي ڪرڻ گهري، ته اُهو ڪري يا موجود ڪري نٿو سگهي، تنهنڪري پوءِ، جيڪي موجود ٿئي ٿو، سو خدا جي ئي طرفان ٿئي ٿو. (6) ڪسبيه: انهن جو اعتقاد آهي، ته نه ثواب گهٽ ٿي سگهي ٿو ۽ نه عذاب. جيڪي خدا، مقرر ڪيو آهي، سو ٿيندو. ماڻهو پاڻ، چڱي ڪري يا بڇڙي! (7) سابقيه: هي وسهن ٿا، ته جيڪي ٿيڻو هو، سو ازل ڪانئي ٿي چڪو. ماڻهو ڪي، جيڪي وڻي، سو پيو ڪري. ڪيس نه نيڪيءَ جي جزا ملندي ۽ نه بديءَ جي سزا. (8) خوفيه: هي چون ٿا، ته دوست، دوست کي ڊيڄاريندو ۽ خبردار ڪندو آهي. هاڻي، جڏهن اسان کي پڪ آهي ته

خدا، اسان جو دوست ۽ خيرخواهه آهي، تـذهن ٻپ کهـڙو کـرڻ گهـرجي؟ (9) حبيبيـه: هنن جي سـمجهه مـوجب، خـدا، سـندن دوسـت آهي، ۽ پـاڻ، خـدا جـا دوسـت آهن، جـيئن خـدا جـا پيـا بـه گهڻا دوسـت آهن، تنهنکـري هنن کي، سـزا ۽ عذاب جو، کو به خيال کو نه ٿو رهي. (10) فکريـه: اُهي، هن ڳالهـه جـا معتقـد آهن، تـه خـدا جي بـابت، فکـر ۽ ويچـار کرڻ، تمام افضل ۽ عمدي عبـادت آهي، تنهنکـري جـيئن علم زيـاده ٿينـدو، تـيئن عبادت گهٽ کرڻي پوندي، ۽ خـدا تعـالى جــو، سـندن مـال ۾ حصـو آهي. جيکــو انهيءَ کي، پنهنجي مـال مـان حصـو نـه ڏيندو، اهو ظـالم آهي. (11) جبريـه: جن جو چوڻ آهي، تـه خـير ۽ شـر، چڱـائي ۽ بچــڙائي، خــدا جي ئي طــرف کــان آئي، اسان کي کـو بـه اختيـار کـونهي. (12) متمنيه: جي چـاٽن ٿـا، تـه جنهن کي بـه، ماڻهوءَ جو نفس چڱو چوي، يا دل چاهي، سو ئي چڱو آهي.

(ب) قدريه: اُهي آهن، جن جو مجمل اعتقاد اهو آهي ته جيڪي، خدا جي اڳيان ڪفر هوندو، سو ممڪن آهي ته خلق جي اڳيان ايمان هجي، يا جيڪي، خدا جي اڳيان ايمان هوندو، سو خلق جي اڳيان ڪفر هجي. هو، جنازي نماز کي، واجب نٿا ڄاڻن، خير ۽ شر کي به، خدا جي طرح کان نٿا ڄاڻن. هنن جي حجت، اها آهي، ته توفيق، انسان کي، ڪنهن ڪم ڪرڻ کان پوءِ ٿي ٿئي ۽ نه ڪنهن ڪم ڪرڻ کان اڳي، برعڪس ڀي اهل سنت جماعت جي، جا توفيق ۽ فعل کي، هڪجهڙو ۽ گڏ ٿي سمجهي. هيءَ فرقو، روز الست ۽ ميثاق کي به نٿو مڃي، ۽ پاڻ کي، مومن ٿو ڄاڻي ۽ نه ڪافر. حضرت جن جي معراج کي پڻ هو، فقط خواب ٿا وهسن، ۽ نه جاڳڻ جي حالت ۾. ٿورن گهڻن اختلافن سان، هنن جون به، ٻارنهن شاخون يا فرقا آهن:

(1) ثنويه: جي چو ٿا، ته خير، خدا جي طرفان آهي ۽ شر، شيطان جي طرفان.

(2) احمديه: جي فرض کي قبول ڪن ٿا

۽ سنت ڪان انڪاري آهن. (3) شـريـڪـيه: هي ايمان ڪي به مخلوق ٿا سمجهن. (4) ڪيســـــــــــابيه: هي، پنهنجن ڪمن ڪي، مخلوقـات نٿـا ڄـاڻن. (5) ناڪسـيه: هي، بادشاهن ڪان باغي ٿيڻ، روا ٿا ڄاڻن. (6) شيطانيه: جن جو چوڻ آهي، ته شـيطان آهي ئي ڪـونه (7) هميه: جي وسهن ٿـا، تـه اسـان جن ڪمن جي ڪـا بـه جـزا ۽ سزا ڪانهي. (8) قاسطيه: جي چون ٿا، ته مـال گـڏ ڪـرڻ فـرض آهي ۽ زاهـدن جي عيب جـــوئي ڪـــرڻ روا آهي. (9) منزليه: جي، بڇڙائين جي مقدر هئڻ ڪان غير واقفيت ۽ گمان ظاهر ڪن ٿـا. (10) رويديه: جي وسهن ٿا، ته دنيا جـيئن آهي، تيئن هلندي، نابود نه ٿيندي (11) متبريـه: جن جو اعتقاد هيءُ آهي، ته جنهن گناهـه ڪيو، سو ڪافر ٿيو، توبهه، اصل قبول نه ٿينـدي. (12) نظاميـه: جي چـون ٿـا، تـه خــدا، ڪي بـه ڪين آهي جـو نظــر اچي سگهي.

(ج) مرجيـه: هي اُهي آهن، جن جـو عـام اعتقـاد اهـو آهي، تـه ايمـان آڻڻ، فـرض

آهي، باقي پيو سڀ خير! نڪا نماز، نڪو روزو! اهي، ڪي به ڪين آهن. ايمان آڻن کان پوءِ ماڻهو، آزاد ۽ مطلق العنان آهي، جيئن وڻيس، تيئن ڪندو وتي. هن فرقي جون هيئيون ٻارنهن شاخون آهن:
(1) حشنويه: جي واجب، سنت ۽ نفل، ٿنهي ڪي هڪجهڙو ٿا ڄاڻن. (2) تشبيه: جي چون ٿا، ته خدا تعالى، حضرت آدم کي، پنهنجي صورت تي بنايو آهي. (3) مدعيه: جن جو چوڻ آهي، ته دنيا ۾، جيڪي نيون شڪليون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، سي خدا جي خواهش ۽ ارادي کان ناهن، پر پاڻهي ئي پيدا ٿيون آهن ۽ ڏيکاري ٿيون ڏين. جيڪو نئون بادشاهه بنجي، تنهنجي فرمانبرداري ڪرڻ گهرجي. (4)اشربيه: جي چون ٿا، ته سڀ شيءِ جو اصل يا بنياد، قياس آهي. (5) مشئيه: جي پاڻ کي "مؤمن"، فرض ڪري ٿا ڄاڻن. (6) متفوضيه: جن جو اعتقاد آهي، ته خدا جي مهربانيءَ سان، ايمان وڏي ٿو ۽ سندس ڪاوڙ کان، ايمان گهٽجي ٿو، انهيءَ ۾، انسان جو،

ڪو به دخل ڪونهي. (7) عمليه: جي چون ٿا، ته جيڪڏهن علم ناهي، ته عمل، ڪنهين ڪم جو ناهي، مثلا، جنهن کي نماز جي حقيقت يا اصليت جو ڪو به علم ڪونهي، تنهنجي نماز، اجائي آهي. (8) تنبيه: جن جو چوڻ آهي، ته ايمان آڻڻ، درحقيقت، علم آهي، جيڪو، سڀ امر ۽ نهي نٿو ڄاڻي، سو ڪافر آهي. (9) شاڪيه: جي چون ٿا، ته ايمان ۽ تيسين، شڪ هئڻ گهرجي، جيسين روح ۽ عقل جي وسيلي، يقين نه ٿئي، جن ۾ نهي جو، انسان جي وجود تي، ٿو رهي. (10) اجيه: جي وسهن ٿا، ته نه خدا جي فرمانبرداريءَ ڪري ماڻهو، مومن ٿئي ٿو ۽ نافرماني جي ڪري گنهگار ٿئي ٿو. (11) شارڪيه: جن جو اعتقاد آهي ته لا الٰه الا الله چوڻ سان، ماڻهو، مومن ٿئي ٿو، پوءِ وٽيس، ته خدا جي عبادت ڪري، وٽيس ته نه ڪري. (12) تارڪيه: جن جو ويساهه آهي، ته علم، دنيا جي مال گڏ ڪرڻ لاءِ آهي ۽ عمل، آخرت جي نعمتن حاصل ڪرڻ لاءِ آهي، تنهنڪري انهيءَ

ڪٽراڳ ڪان پـري رهي، مـولى جي در تي پئجي رهجي.
(د) جهيمـــــه: اهي آهن، جي قــــبر جي عذاب، ۽ منڪر ۽ نڪير جي پڇـا، حـوض ڪـوثر ۽ ملڪ الموت ڪي نٿا مڃين، نڪي وسهن ٿا، ته خدا تعالى، حضـرت موسـى سان، همڪلام ٿيو. هنن جـو اعتقـاد آهي، ته ايمان، دل ۾ ٿو رهي، زبان سان اقرار ڪـرڻ جـو، ضـرور ڪـونهي. انهن ۾ بـه، ٿـورن گهڻن اختلافن جي ڪــري، ٻـارنهن شاخون يا ننڍا فرقا آهن:
(1) معطلبه: جي، خدا تعالى جي نالن ۽ صــفاتن ڪي، مخلوقــات ٿــا ڄــاڻن (2) مرابصــيه: جي، علم، قــدرت ۽ مشــيت ڪي، الاهي مخلوقــــات ٿـــا ڄـــاڻن. (3) مراقبيه: جي وسـهن ٿـا، تـه خـدا، اهـڙي هنڌ آهي، جنهن جو ڪو بـه پتـو يـا نشـان پوڻ جو ناهي (4) وارديه: جن جو عقيــدو آهي تــه مـومن جهنم ۾ ڪـڌهن بـه ڪين ويندو، پر جيڪڌهن هـو، جهنم ۾ ويـو، تـه اتـان وري، ان جـو نڪـرڻ، امڪـان ڪـان ٻاهر آهي. (5) حرفيـه: جي چـون ٿـا، تـه

دوزخي، اهڙيءَ طـرح سـاڙي نـاس ڪيـا ويندا، جو انهن جو پتو ئي نـه پونـدو، پـوءِ دانهــون ۽ فريــادون ڪــير ڪنــدو؟ (6) مخلوقيه: جي، قرآن مجيـد کي، مخلـوق ٿا ڄـاڻن. (7) غيريـه: جي حضـرت صـلي اللـه عليـه وسـلم جن کي، فقـط هڪـڙو حڪيم ٿا سمجهن ۽ نه رسول (7) فانيـه: جي، بهشـــت ۽ دوزخ کي، فـــاني ٿـــا سـمجهن (9) زنادقيــه يــا زنـديقي: جي، عالم کي قديم ٿا ڄاڻن، ۽ ائين وسهن ٿا، ته خـدا تعـالى دنيـا ۾ بـه ڏيکـاري ڏينـدو. بهشــت ۽ دوزخ، فقــط روحن لاءِ آهي ۽ نه جسمن لاءِ. حضرت جن جو معراج به، روحاني هو ۽ نه جسـماني (10) لفطيـه: جي، قرآن کي، خدا جو ڪلام نٿـا ڄـاڻن، پر قرآن پڙهڻ وارن جو ڪلام ٿـا چـون. (11) قبريه: جي چون ٿا، ته قبر ۾ عذاب نٿـو ملي، ڇـالاءِ جـو، جي قـبر ۾ عـذاب ملي ها، تـه قـبر ڪـان ٻـاهر هجي هـا، تـه جـيئن مـاڻهو، اُهـو ڏسـي، ٻڌن هـا (12) واقفيه: جي چون ٿا، ته قرآن جي نسـبت ۾، ائين چئي نه سگهبو، تـه مخلـوق آهي.

يـا غـير مخلـوق. هيءُ فرقـو، مسـلمان ٻانهي جي، كـافر كـان خريـد كـرڻ كي، درست ٿو ڄاڻي.
(هه) حارجيه: انهن جـو عـام اعتقـاد اِهـو آهي، ته ظالم بادشاهه تي، خـروج كـرڻ يـا بغـاوت كــرڻ، گناهــه آهي، انهيءَ كري، حضـرت عليءَ، جـو معاويـه تي خروج كيو، سو ناجائز هو. جماعت ساڻ نماز به، جائز ناهي. اهل قبله وارن مـان، جيكو به گناهه كري ٿو، سو كـافر ٿـئي ٿـو، انهن جـا بـه ٻـارنهن ننـڍا فرقـا يـا شاخون آهن:
(1) معتزليه: جي چون ٿـا، تـه ائين چـوڻ درست ناهي، ته خـدا تعـالى، انسـان جي لاءِ، كـي مقدر كيو آهي، (يا) كـي مقدر نـه كيـو آهي. پهـرئين قـول تي ويسـاهه ركڻ كري، خدا تي ظلم جو اطلاق ٿيندو پـوئين قـول تي ويسـاهه ركڻ كــري، عجز جو. هنن جي اعتقاد موجب، فاسـق جي پٺيان نماز پڙهڻ، ناجـائز آهي. ايمـان كي، مـاڻهو، حاصـل كـري ٿـو سـگهي اُهو، خدا جو خلقيل نه آهي. قـرآن فقـط

اخبار آهي □ انهيءَ □ ڳالهيون لکيل آهن.
بندن جا کم، سندس (خدا جا) پيدا ٿيل يا
مخلوق آهن. جيئرن جي طرفـان، جيڪي
مئن جي لاءِ ڪجي ٿـو، سـو سـپ اجـايو
آهي. مئن کي، جيـئرن جي دعــا وغــيره
مان، ڪجهـه بـه فائـدو حاصـل نٿـو ٿـئي.
قيامت □، ڪو به شـفاعت نـه ڪنـدو، نـه
ڪو حساب ٿيندو □ نه ڪــو ولي آهي. نــه
ڪا ساهمي، عملن تورڻ لاءِ آهي نـه ڪـا
پل صراط آهي، جنهن جي مٿـان لنگهبـو.
فاسقن جي جاءِ، بهشت □ دوزخ جي وچ
□ ٿيندي. ملائڪن کي، مؤمنن کان افضل
چــاٽڻ گهــرجي. عقــل □، مســلمان □
ڪافر، ٻئي برابر آهن. خدا کي اکين سان
ڏسـڻ □ ان جـو ديـدار ڪـرڻ، نـاممڪن
آهي. خــدا، انهيءَ وقت کـان وٺي خــالق
ٿيــو، جنهن وقت کــان، مخلوقــات پيــدا
ڪيائين □ انهيءَ وقٿ کان وٺي رازق ٿيو،
جنهن وقت کان روزي ڏيڻ لڳـو. نـه خـدا
□، ڪنهن وصـــف جـــو هئڻ، چـــئي ٿـــو
سگهجي □ ، نـه ان جـو نـه هئڻ. بهشـت
وارا به، مري سگهندا □ انهن جـو سـمهڻ

۽ خوش رهڻ به، امڪان کان ٻاهر ناهي.
قيامت جي نشانين کي، هو، نٿا مڃين،
جيئن ته دجال، ياجوج ماجوج وغيره.
طلاق ڏنل زال کي، سواءِ حلالہ جي،
وري زال ڪري وٺڻ ۽، ڪا به حرڪت نٿا
چاٺن. عقل کي، علم کان بهتر ٿا چاٺن ۽
زياده پسند ٿا ڪن، يا ته ٻنهي کي،
هڪجهڙو، شمار ٿا ڪن. هيئن به نٿا
ويساهه ڪن، ته معراج جي رات، خدا
تعالی جو ڳالهائڻ، حضرت صلي الله
عليه وسلم جن، ڪنهن به واسطي کان
سواءِ ٻڌو، ۽ معراج کان اڳي، حضرت
جن، پيغمبر نه هئا ۽ نه رحلت کان پوءِ،
پيغمبر رهيا، ۽ وحي نازل ٿيڻ کان اڳي،
هو، نه مؤمن هئا ۽ نه ڪافر. (6) ازرقيه:
جي چون ٿا، ته وحي جو اچڻ بند ٿي ويو
آهي، تنهنڪري خواب ۽، ڪو چڱو ڪم يا
چڱي ڳالهه نظر نه ٿي اچي ۽ هيئن به
چون ٿا، ته مشرڪن جا ٻار، پنهنجن
مائٽن سان گڏ، دوزخ ۾ پوندا (3) ثعلبيه:
جي چون ٿا، ته اسان جا ڪم، خدا کان
آهن، نه قضا ۽ قدر کان (4) اياضيه: جن

جـو اعتقـاد آهي، تـه قـول، عمـل، نيت ۽ سـنت ئي ايمـان آهي (5) حازميـه: جي چاڻن ٿا، ته ايمـان جـو فـرض هئڻ، ثـابت ناهي (6) حلقيه: جي چـون ٿـا، تـه ڪـاڏي چڏڻ ڪـري، انسـان، ڪـافر ٿـو ٿـئي. (7) ميمونيه: جن جو اعتقـاد آهي، تـه غـائب تي ايمـان آڻڻ، باطـل آهي (8) احسـنيه: جي چون ٿا، ته ڪنهين به عمل جي جزا ڪانهي (9) شمراحيه: جن جو خيال آهي ته زالون بـه، گلن پـوٽن وانگـر آهن، جي ڪو به سگنهي ٿو سگهي پـوءِ نڪـاح جـو ڪهــڙو ضــرور آهي؟ (10) ذوريــه: جي چاڻن ٿا، ته جيسين بدن زور سان نه مليو يا مهٽيو ويندو، تيسين اهو پاڪ نـه ٿينـدو. (11) ڪنزيه: جي چـاڻن ٿـا، تـه دنيـا جي زڪــوات، واجب نــاهي (12) محڪميــه: جي حڪمت جا به قائل آهن.

(و) رافضـيه: انهن جـو عـام اعتقـاد اهـو آهي ته حضرت ابوبڪر ۽ عمر، لعنت ۽ نفـرين جـا لائـق آهن ۽ رسـول اللـه جي اصــحابن جي عيب چيــني ڪــرڻ ۽ انهن کان بـيزار ٿيڻ روا آهي ۽ فقـط حضـرت

عليءَ کي، چڱو تـا چـاڻن بيـبي عائشـه تي تبرا ڪن ٿا بيبي فاطمــه کي، بيــبي عائشه کان، بهتر ٿا ڇـاڻن. اهي، نمــاز ، هٿ ٻڌنــدا آهن. تراويحــه جي نمــاز کي، بدعت ٿا ڇـاڻن. زالن سـان معتـه ڪـرڻ، جائز ٿا سمجهن. نڪاح جو ضرور ڪو نــه ٿــا ســمجهن. ٽن طلاقن، گــڏ ڏيڻ ســان، زال کي طلاق نــٿي ملي. جيســين تــارا، روشن ڏسڻ نه اچن، تيسـين روزو، نٿـا ڇوڙين، شام جي نماز پڙهڻ، درسـت نٿـا ڇاڻن. رسول الله جي نسبت ، هنن جــو گمان آهي، ته تبليـغ جي ڪــري، رسـالت جو لائق نـه هـو. هنن جـا خطيب، ڪـاري پوشاڪ ڍڪينـدا آهن. نڪـاح کـان سـواءِ، پنهنجين ٻــانهين کي، ٻين تي حلال ڪــري ڏيڻ، رڳــو مــالڪ جي چــوڻ ســان جــائز آهي. غير مسلمان کان، ويـاج وٺڻ، جـائز ٿا ڇاڻن. ڪن ڳالهين ، هنن جو، هڪٻـئي سان، فرق رهي ٿــو، جنهنڪــري انهن جــا ٻارنهن فرقا آهن:

(1) علويه: جي، حضرت عليءَ کي، نــبي ٿا ڇاڻن (2) ابرشه: جن جو اعتقــاد آهي،

ته نبي صلي الله عليه وسلم □ علي، ٻئي گـڏجي رسـول ٿيـا. (2) شـيعه: جن جـو اعتقـاد آهي، تـه جـو مـاڻهو، حضـرت جن جي اصــحابن كــان وڌ، حضــرت عليءَ سان محبت نٿو رکي، سو ڪافر آهي.(4) زيديـه: جي، حضـرت عليءَ کـان سـواءِ، ٻئي ڪنهن کي نماز جي امامت جـو لائـق نٿا ڄاڻن. (5) اسحاقيه: جن جـو ويسـاهه آهي، تـه ڪنهين بـه زمـاني □، زمين يـا دنيـا، نـبيءَ کـان خـالي نـٿي رهي، □ اچـا تائين، هڪڙي نه ٻئي کي، نـبي ڪـري ٿـا مڃن □ انهيءَ ڪـري، حضرت صـلي اللـه عليــه وســلم جن کي، خــاتم الانبيــاءَ نٿــا ڄـــاڻن. (6) عباســـيه: جي عبـــاس □ عبـدالمطلب جي اولاد کـان سـواءِ، ٻـئي ڪنهن کي به، امامت جو لائق نٿا ڄاڻن. (7) ناوســيه: جن جــو خيــال آهي، تــه جيڪو پاڻ کي ٻئي کان بهتر ڄـاڻي، سـو ڪــافر آهي. (8) متناســخيه: جن جـــو، تناسـخ □ اعتقـاد آهي □ ڄـاڻن ٿـا، تـه جڏهن ڪنهن جسـم مـان روح بـيزار ٿي، نڪري ٿو، تڏهن ٻئي جسـم □ گهـڙي ٿـو،

جيئن هندن جو اعتقاد آهي. (9)لاعنيه: جي، معاويه، طلحه، زبير ۽ بيبي عائشه تي، لعنت ٿا ڪن. (10) متربصيه: جي، اسلام جي بادشاهن جي نافرماني ڪرڻ ۽ انهن سان جنگ ڪرڻ، جائز ٿا ڄاڻن. (11) راجعيه: جي وسهن ٿا، ته حضرت علي، حضرت عيسى وانگي، وري دنيا ۾ ايندو، ۽ هاڻي، اهو، ڪڪرن ۾ لڪل رهي ٿو ۽ گوڙ، انهيءَ جي گهوڙي جو آواز آهي، ۽ کوڻ، سندس گهوڙي (دلدل) جي سنبن جو چمڪاٽ آهي، جو ڪاوڙ مهل، نڪري ٿو. (12) اماميه: جي هندستان ۾، اهل سنت و جماعت جو ضد آهن، ۽ گهٽا نظر اچن ٿا.

مٿين، اسلامي ڇهن فرقن مان، اگرچه مٿئي ٻاهتر فرقا ٿيا آهن، تڏهن به انهن سڀني مان، پويون وڏو فرقو، رافضين وارو، اهل سنت وارا، سڀني کان خراب سمجهندا آهن، بلڪ انهن کي، مسلمان به شمار نه ڪندا آهن. انهن کي، رافضي نالو، هن ڪري مليو، جو رفض ڪيائون. زيد بن عليءَ سان بيعت ڪري، انهيءَ

کي پنهنجــو ســردار کــري، حجــاج بن يوسف، حاکم تي، خـروج کيـائون. پـوءِ زيد کي زور کيائون، ته حضـرت ابـوبکر عمر تي تبرا کري. زيد، انکار کيو چــوڻ لڳــو تــه آئــون، پنهنجي نــاني جي خليفن اصــحابن کي بــد نــه چونــدس. تنهن تي هو، کاوڙيا زيد کي ڇڏي هليـا ويا، يعني رفض کيائون. پوءِ حجاج، انهن کي گرفتـار کـري، مـارائي ڇـڏيو. انهيءَ وقت کـان وٺي، اُهي، رافضـي سـڏجڻ آيا. پوءِ انهن مان به، ٿورن اختلافن سان، ٻـارنهن شـاخون ٿيـون، جي مـٿي ڏنيـون ويــون آهن، پــر اهي ســپ، پــاڻ کي، حضرت عليءَ جا دوسـت شـيعا سـڏڻ لڳا. انهن مـان گهڻن، تـه انهيءَ محبت ، افراط کيو، يعني حد کان نکري ويا جن کي نصيري يا علي الاهي ٿا چــون . اهي، حضـــرت عليءَ کي، خـــدا ٿـــا ڄـــاڻن، تنهنکري سني، انهن کي، کافر ٿا چون . انهن کي، غالي به چوندا آهن، يعـني غلـو يـا افـراط کنـدڙ. انهن کـان سـواءِ، ٻيـو هکڙو فرقو، صوفين جو آهي، جي وري،

خدا تعالى جي توحيد جي اعتقاد ۾، افراط يا غلو ڪن ٿا، اگرچه انهن ۾، معرفت ۾ بصيرت وارا ماڻهو به آهن، تڏهن به سني توڙي شيعا، انهن جي برخلاف آهن ۾ ڪي انهن ڪي، ڪافر به سمجهندا آهن هنن جو، خاص اعتقاد آهي، ته دنيا، جيڪي به آهي، سو خدا آهي، ۾ خدا ڪان سواءِ، ٻيو ڪي به ڪينهي. جيڪي دنيا ۾ نظر ٿو اچي، سو رڳو خواب ۾ خيال آهي ۾ انهيءَ ڪي، ڪو به وجود يا اعبتار ڪونهي. اهو سڀ، خدا آهي، يعني ”همه اوست“ صوفي، چئني خليفن ڪي، تعظيم ڏيندا آهن ۾ پهرين ٽن خليفن ڪي، بد نه چوندا آهن مگر حضرت عليءَ ڪي، رسول الله صلي الله عليه وسلم جن ڪان پوءِ، وڏو ولي، بلڪ ولين جو سردار، معرفت ۾ علم جو وڏو امام ڄاڻندا آهن ۾ انهيءَ ڪان پوءِ، سندس اولاد ڪي. جڏهن صوفي، سڀ شيءِ ڪي، خدا جي ذات يا وحدت ۾ شامل ٿا سمجهن، ۾ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن ڪي به، تڏهن پاڻ

ڪي به انهيءَ ۾ داخل ٿا سمجهن ۽ پاڻ ڪي به، خدا، يا خدا جو جزو ٿا ڄاڻن، جيئن منصور، ”انا الحق“ جي دعوى ڪئي ۽ ڪن پين به. انهيءَ ڪري، هو، مسلماني شريعت جي برخلاف ٿيا، ۽ مٿن، ڪفر جو الزام آيو، اگرچه انهن ۾، گهڻا ڪشف ۽ ڪرامتن جا صاحب آهن، جي تصوف ۾ اسلام ڪي، موافق ڪي ٿا ڏين.

سنت جماعت جا پڻ، مٿين چئن وڏن فرقن کان سواءِ، ڪيترائي فرقا ٿيا، جن مان گهڻا، قديم آهن ۽ گهڻا هاڻوڪا. هڪڙا ”اهل قرآن“ آهن، ته پيا ”اهل حديث“، جن ڪي ”وهابي“ به سڏين ٿا. هاڻي، احمدي يا قادياني به، هندستان ۾، ظاهر ٿيا آهن، جي مرزا غلام احمد قاديانيءَ جا، پيروي ڪندڙ آهن، ۽ انهيءَ ڪي، مهدي ڪيو ٿا مڃين. شيعن مان ڪي، بابي يا بهائي به آهن، جي، مرزا علي محمد باب يا عبدالبها جا پيروي ڪندڙ آهن. پيا به ڪي ننڍا فرقا آهن، جن جو ذڪر ڪرڻ، ضروري ناهي.

http://
www.sindhiadabiboard.org/
Catalogue/Articles/Book8/
اسلام جا ٽيهتر#Book_page3.html
فرقا

[7]
جسماني ورزش
(ڳوٺاڻن ۽ اسلامي مڪتبن لاءِ)

(1)

ورزش جو مطلب ۽ انهي جا فائدا

جسماني ورزش جي معنى آهي، ماڻهوءَ جي جدا جدا عضون يا پاڱن جي استعمال ۽ ڪم ۾ آڻڻ. ماڻهوءَ جي تندرستي، سندس جسم يا بدن جي پوري طرح ڪم ڪرڻ تي منحصر آهي ۽ تندرستي، هزار نعمت چئي اٿن. بدن جي ورزش جو مطلب آهي، بدن جي جدا جدا عضون يا پاڱن جي ورزش. جي بدن تندرست هوندو ته ماڻهوءَ جي دل ۽ دماغ ۽ اندر جا سڀ عضوا تندرست هوندا. يعني، جيڪو ماڻهو، بدن ۾ تندرست آهي، سو پوري عقل، فهم ۽ ذهن وارو ٿو ٿئي

□ گهڻن بيمارين □ مرضن کان آزاد ٿو رهي، تنهنڪري جسماني ورزش، ماڻهوءَ جي لاءِ بالڪل ضروري آهي. آزمودي سان معلوم ٿئي ٿو ته جيڪو عضوو، گهڻو ڪم نٿو اچي، سو سڪيو، نستو ٿيو پوي. اوهان، ڪي فقير ڏٺا هوندا، جي ٻانهون، مٿي ڪري جهلندا آهن ته اُهي، اُتي سڪي پونديون آهن. اهڙو حال، سڀ ڪنهن عضون جي ٿي سگهي ٿو. رڳو ساهه وارن جو اهو حال ناهي، پر ڪيترن بيجان شين جو به اهو ئي حال آهي. مثلن ڪنجي، ڪلف □ پيئي پوي □ پيئي ڦيرائجي، ته لسي □ چمڪندڙ رهي ٿي. جي، ڪي ڏينهن، ڪم نٿي اچي، ته ڪٽجيو، خراب ٿيو پوي. کوهه مان پاڻي نڪرندو ٿو رهي □ پيو، انهيءَ جي جاءِ تي، هيٺان ٿو اچي، ته پاڻي صاف □ مٺو ٿو رهي، پر جي، ڪي ڏينهن، پاڻي نٿو نڪري، ته خراب □ ڪنو ٿيو پوي. ورزش جي ڪري ماڻهن جو، خاص ڪري ٻارن جو جسم وڌي ٿو □ زور وٺي ٿو □ مضبوط ٿئي ٿو، بک چڱي لڳي ٿي، ماني

هضم ڪـرڻ جي طـاقت پـوري رهي ٿي،
تڪليف آسانيءَ سان سهي سـگهجي ٿي،
جهٽندڙ مرض يا ڪا ٻي بيماري، جلد نــٿي
وٺي. ماڻهو، پاڻ به خوش ٿــو رهي □ ٻين
جي به خـدمت چـاڪري، پـوريءَ طـرح،
ڪري سـگهي ٿـو. وڏي ڳالهـه، تـه مـاڻهو
تندرسـت هئڻ ڪـري، خـدا جي عبـادت،
پــوريءَ طــرح □ پــوري وقت تي، ڪــري
سگهي ٿـو. سـڀني مـذهبن □، تندرسـتيءَ
جي بچائڻ □ قـائم رکڻ جـو تاڪيـد ڪيـل
آهي. مسلمانن □ ته خود نماز به، هڪڙي
وڏي ورزش آهي. ڏينهن رات □، پنج دفعا
نماز پڙهڻي ٿي ٿئي، هر نماز □، ڪيترين
رڪعتون آهن، جن □ اُٿڻو □ وهڻو، جهڪڻو
□ نوِڻو ٿو ٿئي. اها ته رڳي ظاهري بـدني
ورزش، مذهبي آهي، پر نماز □، باطني □
دماغي ورزش به آهي، ڇالاءِ جـو مـذهبي
حڪمن موجب، ڌاڍو ڌيان ڏيڻو آهي □ ٻيـا
سـڀ دنيـائي خيـال ڇـڏي، هڪ خـدا ڏي
خيال ڪـرڻو ٿو ٿئي. تنهن ڪان سواءِ، نماز
جي لاءِ، ڏينهن □ پنج دفعا وضو ڪـرڻو ٿــو
ٿئي، جنهنڪري ماڻهوءَ جا عضوا، صاف □

سـنا ٿـا رهن. روزو بـه هڪ چڱي ورزش آهي، جنهنڪري مـاڻهو، مشـڪلات وقت، اڃ □ بــڪ ڪــڏڻ تي، هريــل ٿــو رهي. مذهبي حڪمن موجب، رات جو جاڳڻ □ ڏينهن جــو ڪم ڪـار □ پورهيــو ڪــرڻ □ ڏينهن جـو آرام وٺڻ □ رام جـو سـمهڻ □ مــانيءَ ڪـان پــوءِ پســار ڪــرڻ وغــيره ضروري سمجهيل آهن. اهي حڪم، جهڙا مڙسن لاءِ، تهـڙا زالن لاءِ آهن، تنهنڪــري اسان کي ورزش تي پورو ڌيان ڏيڻ کپي.

(2)

ورزش جهڙا ڪم

قــديم وقت ڪــان، ٻــاهرين ولايتن □، □ ٿورن ورهين ڪـان هندوسـتان □ بـه، بـدن جي ورزش لاءِ، اســـــڪولن □ مڪتبن □ تـــوڙي جنگي ڪـــاتن □ ٻين هنـــڌن تي، ضـــــروري تعليم ڏيڻ □ اچي ٿي □ انهيءَ لاءِ، ڪيترائي ڪتاب لکيـا اٿن، □ هـزارين ورزش جـــا اوزار ٺاهيـــا اٿن، جنهنڪـــري ننڍڙن ٻارن ڪـان وٺي، وڏيءَ عمـر وارن تـــائين، ورزش جـــا عجيب غـــريب ڪم، سيکارڻ □ اچن ٿا. مثلا پلٽڻ جي سـپاهين

وانگي، حڪم پنيان گڏ اٿڻ، گڏ ويهڻ، گڏ قدم ڪٽڻ، گڏ ڦرڻ، گڏ ڊوڙڻ ۾ پيا ڪي حيرت جهڙا ڪم ڪرڻ ۾ بازيون هٽڻ ۾ بهادري ۾ چالاڪي ڏيکارڻ، اسڪولن ۾، اهي سڀ ڪم ٿين ٿا، مڪتبن ۾ به ائين ڪري سگهجي ٿو، مگر اسان جو مطلب آهي ته ملن ۾ سندن شاگردن ڪي، انهيءَ ورزش جي عادت پوي، جنهن لاءِ، ڪن اوزارن جو ضرور ڪونهي، جيئن ته صبح جو يا شام جو، فرصت وقت هوا کائڻ لاءِ مناسب پنڌ ڪرڻ، يا ٻي جسماني ورزش ڪرڻ، جنهن جو ذڪر هيٺ ڪبو، يا پنهنجي گهر جو ڪم پاڻ ڪرڻ، کوهه مان پاڻي پرڻ، بازارن مان پنهنجي شيءِ پاڻ وڃي اچڻ، پاڻ اُٿي پاڻي پيئڻ يا ٻئي ڪي پيارڻ ۾ جيڪو ڏنڌو يا هنر ايندو هجي، سو ڪرڻ. اهي سڀ، چڱيون خاصيتون ورزشون آهن. خاص زالن ۾ ڇوڪرين جي لاءِ، گهر جو ڪم هاج ڪرڻ، جاءِ کي ٻهاري ڏيڻ، جنڊ تي انُ پيهڻ، سبڻ جي ڪل هلائڻ، چرخو ڪتڻ ۾ پيا اهڙا خانگي ڪم ڪرڻ، به،

چڱي ورزش آهي. ننــڍن ٻــارن جي لاءِ،
ڊوڙڻ ڊڪڻ، ڏاڪڻ تـــان چـــڙهڻ لهڻ،
شــــرط □ پڄڻ، هڪ ٽنـــگ تي هلڻ، □
ڪينهــو، تــيزي □ گلي ڏڪــر رانــدڪرڻ □
ڇوڪرين لاءِ، ڇيڪلي پائڻ يا لڪ لڪـوٽي
يــا اهڙيــون ڪي رانــديون ڪــرڻ، جن □
هنن کي ڊوڙڻــو، نچڻــو □ ٽپڻــو پــوي. وڏا
ڇــوڪر، ملهــه □ ڪشــتي □ چنبــو ڏيڻ □
ٻارين جي راند □ ٻلهاڙو يـا اهڙيـون ٻيـون
مردانيــون رانــديون، ڪــري ٿــا ســگهن.
هاڻوڪي زماني □ ته ڪيـتريون ئي نيـون
انگريــزي رانــديون، ڪــرڻ □ ٿيــون اچن،
جيئن ته، ڪرڪيٽ □ فـوٽ بـال وغـيره.
اهي به چڱيون، ورزش جهڙيون، رانديون
آهن. وڏن جي لاءِ گهوڙي جي ســواري □
پاڻي □ تـرڻ بـه، چڱي ورزش آهي، مگــر
اهي، خوفنــــاڪ ورزشــــون آهن □
سـيڪاريندڙ جي پـوري سـنڀال جـو، ان □
گهڻو ضـرور آهي. بلڪ، رواجي رانـدين □
به، ضروري آهي، ته ٻارن سان گڏ، استاد
به، حاضر هجي ته جيئن هو، پــاڻ □ رانــد
ڪندي، تڪرار يا جهيڙو نه ڪن يا هڪٻئي

ڪي گاريون نه ڏين، يا بي خبريءَ ڪان، هڪٻئي کي ڌڪ نه ڏين.
غريب ماڻهن جا ڪم ۾ ڌنڌا ته اڪثر، ورزش جهڙا آهن، جيئن ته واڍن ۽ رازن ۽ لوهارن ۽ تغارين ڪٽڻ وارن مزدورن ۽ ڪاٺين ۽ گاهه ڪرڻ وارن ۽ پاڻي پرڻ وارن ۽ ٻين پورهيتن جا ڪم. اهي سڀ ماڻهو، محنت ۽ پورهيو ڪري، پنهنجو پيٽ، پنهنجي پگهر جي پورهئي مان ٿا پارين ۽ حلال ڪري ٿا ڪائين. اهي ئي ماڻهو آهن، جي اڪثر، چڱي ورزش ڪرڻ ۽ سادي ماني ڪائڻ ۽ چڱي آرام ڪرڻ ڪري، تندرست ۽ خوش ٿا گذارين. جيڪي ماڻهو، اهڙي قسم جي مشغولي يا ورزش نٿا ڪن، سي اڪثر سست ۽ بيمار ٿا گذارين ۽ حياتيءَ جو سک، پوريءَ طرح، نٿا ماڻين.

(3)

رواجي ڪمن ۾ بدن جي ورزش

ماڻهو، ڄاڻندا آهن ته حياتيءَ جا روزمره وارا رواجي خسيس ڪم، سيڪو ٿو ڄاڻي، جيئن ته ويهڻ، اٿڻ، سمهڻ، ڪائڻ،

پيئڻ، وهنجڻ وغيره، پر حڪمت جو ويهڻ
اٿڻ وغيره ٻيو آهي، سڀ ڪنهن کي نٿو
اچي. حڪمت وارا رواجي ڪم به، فائدي
وارا آهن، نه ته انهن مان ڪو به فائدو
ڪو نه ٿو نڪري. اهي رواجي ڪم، اهڙي
طرح ڪرڻ گهرجن، جو انهن مان،
انسان جي جسم جي اندرين توڙي
ٻاهرين عضون جي ورزش ٿئي □ اُهي
زور وٺن □ تندرست رهن. مثلا پهرين
اسان کي سکڻ گهرجي ته ڪيئن ٻيهجي.
ٻيهڻ جو حڪمتي رستو هيءُ آهي ته
ڪنهن پٽ سان پٺ لڳي ٻيهجي. پهرين
ڪڙيون، پٽ سان لائي، پوءِ جيترو ٿي
سگهي اوترو پٺا سنوان ڪري، ڪياڙي
پٽ سان لائجي. انهيءَ رستي ٻيهڻ ڪري
ڇاتي ڪشادي ٿي رهي □ ساهه چڱي
طرح کڻي ٿو سگهجي.
ٻيهڻ کان پوءِ هلڻ آهي. اهو ڪم به
ڪوشش ڪري انهي صورت □ ڪڙو تڙو
ڪجي، فقط پير چورجن □ ڇاتي مٿي □
اڳي ڪجي. تنهن کان پوءِ ويهڻ وٺو.
اسڪول □ ٻه ٻار وهن ٿا □ منشي به

گــادين تي وهن ٿــا □ ڪلارڪ مــيزن تي
ويهن ٿا □ عام ماڻهو به وهي مــاني کــائن
ٿا، پر ڏيان ڪري ڏسبو ته انهن مــان ڪــو
به حڪمــتي طــرح نٿــو ويهي. پــورو ويهڻ
آهي ڪڙو تڙو ٿي ويهڻ، نــه جهڪي ويهڻ،
جنهنڪــري پٺ جــو ڪنــڍو سـنئون رهي □
ڇــاتي سـوڙهي نــه ٿــئي، نــه تــه مــاڻهو،
عرصي پئي، گڪــو ٿي پوندو □ ڦڦــڙن کي
پوري هوا نه ملڻ ڪري، نقصان پهچنـــدو.
وري آرام ونڻ يا سمهڻ تي اچــو. جــڏهن
ڪــو مــاڻهو پــڙهي لکي يــا پيــو ڪــو ڪم
ڪــري ٿڪجي، تــڏهن آرام □ ســاهي ونڻ
لاءِ گهـــرجيس تـــه اُهي بيهي، □ پٺڀن تي
بيهي، ٻانهون ڪشاديون ڪري، جيئن وڏو
آرس پڃبو آهي □ پــوءِ گهڻــا پــيرا ويهي □
اٿي، انهيءَ ڪــري دل مــان □ مغـز مــان،
رت جو دؤرو، بت جي جــدا جــدا نســن □
عضـــون تـــائين ٿـــو وڃي. ڏينهن جي ٿڪ
پڇڻ لاءِ ٻيو، ساهي آرام جو رســتو آهي،
به پهرن جي ماني کائڻ کــان پــوءِ، ٿــوري
تائين ليٽڻ □ پنڪي ڪــرڻ، □ ســمهڻ جي
لاءِ به اهڙي اٽڪل سکجي، جو ليٽڻ سان

ننڊ ڪٽي وڃي، نه ته آرام جو وقت جاڳڻ
۽ اجايو ويندو. انهيءَ لاءِ بهتر آهي ته
اکيون پوري، اونهو ساهه ڪڍجي ۽ پيو
ڪنهين به قسم جو خيال نه ڪجي. اهڙي
عبادت ڪرڻ سان نيٺ، پن چئن منٽن
جي اندر، ننڊ اچي ويندي. ساهن ڪڍڻ
جي به هڪڙي حڪمتي اٽڪل آهي ۽ جي
اُها آئي، ته جاڳندي توڙي ستي، ماڻهو،
انهيءَ طرح پيو ساهه ڪڍندو. ساهه
هميشه اونهو ڪڍڻ گهرجي، جنهنڪري
گهٽي هوا اندر وڃي ۽ ڦڦڙ پورا ڀرجن، ۽
ڇاتي ڪشادي ٿئي. ساهه به هميشه نڪ
مان ڪڍڻ گهرجي، ۽ نه وات مان، جيئن
ڪتا ڪندا آهن، يا نڪ مان ڪڍجي ۽ وات
مان ڪڍجي. ڪڙي تڙي بيهڻ يا ويهڻ يا
سنئين سمهڻ سان ماڻهو، پوريءَ طرح
ساهه ڪٽي سگهي ٿو. ڪشادي ڪپڙن ۽
پوريءَ طرح ساهه ڪٽي ٿو سگهجي ۽
تنگ ڪپڙن ڏڪڻ ڪري، اندرين ۽ ٻاهرين
عضون کي نقصان ٿو رسي. هر وقت،
اونهي ساهه ڪڍڻ لاءِ، پهرين بهتر ائين
آهي ته صبح جو هنڌ مان اٿڻ وقت يا

سومهڻي جو وجي سمهڻ وقت، جيترا پيرا ٿي سگهي اوترا پيرا، نڪ مان اونهو ساهه کڻو ۽ وات مان ساهه ڪڍو. اها آهي ڦڦڙن جي ورزش. جدا جدا عضون جي ورزش سان به ماڻهوءَ کي ضرور، اونهو ساهه ڪٽڻو ٿو ٿئي ۽ انهيءَ طرح به، ٻاهرين ۽ اندرين وزش، گڏ ٿيندي رهي ٿي، ليڪن ڊوڙڻ ڊڪڻ، ٽپن ڏيڻ ڪري ماڻهو، تڪڙو ساهه ٿو ڪٽي ۽ لاچار، وات مان ڪٽڻو ٿو ٿئي ۽ اونهو به، ڪٽي نٿو سگهجي، تنهنڪري خاص ورزش جي لاءِ، جدا جدا عضون ڪم آڻڻ ڪري، پوريءَ طرح اونهو ساهه ڪٽي ٿو سگهجي، جنهن مان گهڻو فائدو ٿو رسي.

(4)

بدن جي جدا جدا عضون جي ورزش

ورزش ڪرڻ مهل، بت تي، هلڪو ڪپڙو هئڻ گهرجي ته جيئن عضوا، آسانيءَ سان چوري سگهجن ۽ کليل هوا ۾ ورزش ڪجي، يا جي ڪنهن جاءِ ۾ ڪجي ته در ۽ دريون کولي ڇڏجن، جيڪا ورزش، هڪڙي پاسي جي عضون سان

ڪجي، اهڙي پئي پاسي جي عضون سان به ڪرڻ گهرجي. صبح جــو وقت، ورزش جي لاءِ چڱو آهي به پهـرن جـو بـه، پـر مـاني ڪـائڻ ڪـان اڳي. نسـن جي ورزش لاءِ، شام جو وقت يا رات جــو بهـتر آهي. ورزش ڪـان پـوءِ، گـرم پـاڻيءَ خشـڪ ڪـــپڙي ســـان، بت ڪي اگهڻ گهـــرجي. وهنجڻ مهـــل، لـــوڻ جي مٺ، پـــاڻيءَ وجهي، پــوءِ وهنجــو، نظــر ڪريــو تــه سـردي نـه لڳيـو. ڪـاڏي پيـتي جي تمـام چڱي ســـنڀال ڪريـــو. پـــوءِ اوهـــان ڪي ورزش مان فائدو پهچندو.
ايــتريءَ فهمــائش ڪــان پــوءِ، هــر هڪ ضـروري عضـوي جي ورزش جـو، اسـين مختصر بيان ڏينداسين.
(1) مٿــو ڳچي: ويــني يــا بيــني ڪنــڌ جهڪايو، ڪيئن ڪاڏي، ڇاتيءَ ســان لڳي. پنج سيڪنڊ اتي جهلي، وري سڄي ڪلهي ڏي ڪنــڌ لاڙيــو. پنج ســيڪنڊ اتي جهلي، وري ڪـٻي پاسـي لاڙيـو. وري بـه سـڄي پاسي لاڙيو، جيئن ڪاڏي، ڪلهي ڪي لڳي، وري ڪٻي پاسي به ائين ڪريـو. وري مٿـو

چوڏاري ڦيرايو. انهيءَ طرح هر هڪ ڪم، جيترا ڀيرا ٿي سگهي، اوترا ڀيرا ڪجي.

(2) ڪلها ۽ ٻانهون: ٻهرين ٻانهون هيٺ لڙڪائي گهڻا ڀيرا ڪلها، سڄي ۽ ڪٻي موڙيو. پوءِ انهن سان گڏ ٻئي ٻانهون به، ڪلهن سان گڏ، انهيءَ پاسي موڙيو. پوءِ فقط ڪلها، گهڻا هيٺ مٿي ڪريو. پوءِ ٻانهون گڏي مٿي ڪريو، وري هيٺ ڪريو، وري سنيون ڪري جهليو، وري هڪڙي هڪڙي ڏار، گهيري ۽ ڦيرايو، وري ٻئي گڏ اڳيان سنيون ڪري جهليو، وري پٺيان جهليو ۽ پينگهه وانگي لوڏيو. هر هڪ ڪم، جيترا ڀيرا ڪري سگهو، اوترا ڀيرا ڪريو.

وري ٻانهن جي جدا جدا ڀاڱن لاءِ ورزش ڪريو. هٿن کي ڀوري، مٺيون پڙيو ۽ وري آڱريون ڊگهيريو. ٻانهون هيٺ لاهي به ائين ڪريو ۽ سنيون ڪري به ائين ڪريو. وري ٻانهو سنيون ڪري، ٺونٺين کان هٿ ڪلهي تائين آڻيو ۽ وري سنيون ڪريو. وري ٻانهون سنيون ڪري، فقط

هٿ ڪاراين وٽ ڦيرايو. انهيءَ طرح هر هڪ ڪم، گهٽا پيرا ڪريو.

(3) چيلهه ۽ ٽنگون: انهن ۾ ڪمر، رانون، گوڏا، ٻڪيون، مرا ۽ پير اچي وڃن ٿا. گهٽا پيرا ويهي اٿڻ، بيهي، چيلهه ڪان جهڪڻ ۽ هٿ، پيرن تائين نيڻ ۽ وري سنئون ٿيڻ، هڪڙيءَ ٽنگ تي بيهي، ٻي ٽنگ، واري سان مٿي ڏنگي ڪري جهلڻ، جهڪي، گوڏن پر ويهڻ ۽ وري اٿڻ، فقط مرن وٽ پير، هيڏي هوڏي موڙڻ، ڪنهن ڪرسيءَ يا ٻيءَ شئي تي هٿ رکي، پير پري ڪري جهڪڻ يا ليٽڻ ۽ هيٺ مٿي ٿيڻ، پيرن پر بيهي، فقط مٿيون ڌڙ ڦيرائڻ، واري سان هر هڪ ٽنگ ڦيرائڻ، ٽنگون ڦاڙي، مٿيان ڪي ڪم ڪرڻ.

(4) سڀ عضوا گڏ: مٿيان ڪم، گهٽا گڏي، ساڳئي وقت ٻه ڪري سگهجن ٿا. هلڻ، ڊوڙڻ، ٽپڻ ۽ بازين هٽڻ ۾ گهٽو، ڪري بت جي سيني عضون جي ورزش ٿي ٿئي. انهيءَ جو ذڪر ٻئي باب ۾ ايندو.

(5)

هلڻ، ڊوڙڻ، ٽپڻ، □ ليٽڻ □ ورزش هي، انهيءَ قسم جون ورزشون آهن، جن □ سارو بت کم ٿو اچي □ ان جا جدا جدا عضوا، ورزش حاصل کن ٿا. انهيءَ قسم جي ورزش، هلڻ جهڙي، ٻي کا ٿوري هوندي. اها ورزش، گهر جي اندر، يعني ايوان □ يا کنهن کشاديءَ جاءِ □ به وٺي ٿي سگهجي. ٻه حدون مقرر کري، انهن جي وچ □ ٺهرايل وقت تائين، يعني اڌ کلاک تائين اچجي وڃجي، پر گهر کان ٻاهر، کليءَ هوا □ پسار کرڻ بهتر آهي □ پسار کرڻ کان، سڙک سان يا ٻهراڙيءَ □ پنڌ کرڻ يا هوا کائڻ لاءِ وڃڻ بهتر آهي. اها نظر رکجي ته کڏهن تکو هلجي، □ کڏهن ڍرو □ کڏهن ته فقط پٻن تي هلجي □ کڏهن به.گهر □ هلڻ جي ورزش مان هک هنڌ بيهي واري سان ٽنگ مٿي کرڻ □ کوڙڻ، جيئن هلڻ □ کبو آهي، تيئن به کري ٿو سگهجي □ واري سان، قدم

قدم تي، هڪڙي ٽنگ جو گوڏو، مٿي
ڪري هلڻ به، چڱي ورزش آهي □ پڻ
ٽي به، ٻچ تائين هلي ٿو سگهجي. ڊوڙي
ٽپ ڏيڻ يا ٻڌا ٽپ ڏيڻ، يعني ٻئي پير
گڏي ٽپ ڏيڻ به، چڱي ورزش آهي.
رسو، ٻنهي هٿن □ جهلي، اُهو اڳيان يا
پٺيان ڦيرائي انهيءَ تان ٽپ ڏيندو رهڻ،
به چڱي ورزش آهي، اگرچه، انگريزن □
اها خاص ڇوڪرين جي راند □ ورزش
آهي. ٻانبڙو ٿي هلڻ □ اُپ ڪڙيو هلڻ □
گوڏا جهڪائي هلڻ به چڱي ورزش آهي.
هلڻ □ ٽپڻ جي ورزش، لٺ سان به
ڪري ٿي سگهجي. لٺ، زمين تي کوڙي،
پري ٽپ ڏئي سگهجي ٿو. لٺ ڪنڌ تي
رکي، انهيءَ □ ٻانهون وجهي، ويهي اٿي
□ هلي بلڪ ڊوڙي به سگهجي ٿو. لٺ
مٿي تي رکي، ٻانهون ڊگهيون ڪري،
مٿي جهلي به، ائين ڪري ٿو سگهجي.
لٺ، ٻنهي هٿن سان جهلي، هيڏي هوڏي
الهاڙي □ زمين تي هٽجي يا مٿان
ڦيرائجي يا بندوق وانگي جهلي يا پاسي
□ بيهاري، وري ڪٽي مٿي ڪجي. اوڪڙو

ويهي، لٺ زمين تي ڪوڙي، انهيءَ کي
جهلي، زور سان اٿجي ۾ گهٽا پيرا ائين
ڪجي. اٿي، ٻانهون مٿي ڪري، تاڻي، لٺ
جهلي، زمين تائين هيٺ آڻجي ۾ وري
مٿي نجي.
زمين تي ويهي يا ليٽي ورزش ڪرڻ جو
رستو به، گهرن اندر، چڱي ورزش آهي.
زمين تي ويهي، ٽنگون ڊگهيون ڪجن ۾
ٻانهون پٺيان ڪري، زمين تي تريون
ڪوڙي بيهارجن. پٺن ۾ ليٽي وري اٿڻ،
وري ليٽڻ ۾ وري اٿڻ، پٺن ڀر ليٽي، ٻئي
ٽنگون گڏي يا واري سان گوڏن تائين
سوڙهيون ڪرڻ، يا هڪڙي ٽنگ سنئين
ڪري، ٻي مٿي اڀي ڪرڻ، پٺن ڀر ٻئي
ٽنگون ڦاڙڻ ۾ ٻانهون به ڦڪيڙڻ، پاسي ڀر
ليٽي، ٻانهن، نونٺ تائين ڀيڙي ڪري،
انهيءَ تي مٿو رکي ويهڻ، پاسا اٿلائي،
واري سان ائين ڪرڻ، پاسيرو، هڪڙي
ٻانهن جي تري ڪوڙي، انهيءَ جي زور
تي، بت ڪڍي مٿيرو ڪرڻ، اونڌو ٿي،
پٺيان ٽنگون گوڏن تائين مٿي ڪرڻ،
تريون ۾ پير، زمين تي ڪوڙي، چيلهه مٿي

ڪــري، ويهڻ، ســنئون تي، تريــون ۽ پــير ڪوڙي، چيلهه مٿي وانگي گوڏن پر يا گوڏا مــٿي ڪــري، پــيرن ۽ هٿن تي هلڻ. اهي سڀ عمدا ورزش جا ڪم آهن، جي سڀ ڪو ڪري ٿو سگهي.

(6)

مالش ڪرڻ ۽ زورن ڏيڻ جي ورزش

ٻت کي مالش ڪرڻ ۽ زور ڏيڻ ۽ ڏيــارڻ بـــه، هڪـــڙي تمـــام چڱي ورزش آهي ۽ انهيءَ ڪري ماڻهوءَ جو ٿڪ لهي وڃي ٿو. مالش ڪرڻ ۽ زورن ڏيڻ جو هڪڙو هــنر آهي، جو ڏاڍو ڪمائتو ٿو ٿئي. امير ماڻهو، انهيءَ ڪم لاءِ خلاصو مــاڻهو رکنــدا آهن، جنهن کي ٿـــاپرو چونـــدا آهن. زور ڏيڻ، جهڙو پنهنجي لاءِ ورزش آهي تهڙو انهيءَ مــان ٻــئي کي آرام ٿــو اچي. ٻــارن کي گهــرجي تــه پنهنجي مــاءُ پيءُ کي ۽ ٻين وڏن مائٽن کي زور ڏين تــه جـيئن هــو ٻــه خوش ٿي کين دعــا ڪن ۽ پــاڻ ٻــه انهيءَ ورزش جي ڪـــري چڱـــا ڀلا رهن. اهـــو ڪم، هــو خــاص رات جــو ســمهڻ مهــل

ڪري سگهن ٿا. مـاڻهو، پـاڻ کي پـاڻ بـه زور ڏيـئي سـگهي ٿـو، يعـني پنهنجي بت جي علحدن ڀاڱن يا عضـون کي، هڪـڙي يا ٻنهي هٿن سـان مـالش ڪـري سـگهي ٿو. اهڙي مالش، اگهاڙي بـدن يـا عضـوي کي بهتر ڪـري ٿي سگهي ۽ اڪـثر، پـاڻي يا واسِلينۡ دوا يا اهڙي ٻي سٽپي شيءِ يـا تيــل ســان. تنهنڪــري پــاڻ کي پــاڻهئي مالش ڪـرڻ جـو وقت، تـڏهن چڱـو آهي، جڏهن ماڻهو وهنجي ٿو. وهنجڻ ڪـان اڳ پرو يـا وهنجنـدي، صـابڻ سـان، يـا فقـط پاڻيءَ سان مٿي کي ۽ ٻانهن کي ٽنگن يــا رانن کي ۽ پٺن کي ۽ اُرهـــــه کي، زور سان ملي ۽ مالش ڪـري، جنهنڪـري بت جي سـپ مـٿي، نڪـري وجي ٿي ۽ پـوءِ وهنجي، خشڪ ۽ کهري ٽـوال سـان، زور سـان اگهي، ۽ اهـا وري ٻـئي پـيري جي مــالش آهي. انهيءَ طــرح ڪــان ســواءِ وهنجڻ، يعـني رڳـو پـاڻي مٿـان وهـائي سـنان ڪـرڻ، ڪنهن ڪم جـو نـاهي. جن ملڪـن ۾ وهنجڻ لاءِ عام حمـام آهن، اتي وهنجارڻ ۽ مالش ڪـرڻ لاءِ ماڻهو، مقـرر

آهن ۽ جڏهن ماڻهو مالش ڪرائي، حمام
مان وهنجي، نڪري ٿو تڏهن پنهنجو بت
اهڙو هلڪو ۽ پاڻڪي اهڙو خوش ٿو
سمجهي، جو ڳالهه ڪرڻ ڪان ٻاهر آهي!
ٿورن ورهن ڪان يورپ ۽ آمريڪا ۾ گهڻن
بيمارين جو علاج فقط مالش سان ڪندا
آهن. بلڪ جن ماڻهن جا سنڌَ سُڪي
پوندا آهن ۽ عضوا، بي حواس ٿي ويندا
آهن، سي مالش سان چڱا ڀلا ٿيندا آهن
۽ اهو مالش جو هنر، چڱي پيدائش وارو
آهي. تعليم ڏنل، ماڻهو طبيب يا ڊاڪٽر
ڪان گهٽ ناهي. مالش ڪرڻ جا ڪي
خاص قانون آهن، جيئن ته سڀ ڪا،
مالش دل جي طرف ڏانهن ڪرڻ
گهرجي يعني آڱرين ڪان ڪلهي ڏانهن
پيرن ڪان ٻنڊڙن يا چيلهه ڏانهن، ڍڻن ڪي،
ڍڻئين ڪنڊي ڪان پاسرين ڏانهن. تمام
ضعيف ماڻهن جي حالت ۾ انهن جي
برعڪس، دل جي پاسي ڪان، عضون
جي چيڙن ڏانهن مالش ڪندا آهن.
مالش، تري ڪي گسائڻ سان ڌڪن هڻڻ
سان يا نسن ڪي هٿ سان پڪڙڻ ۽ زور

ڏيڻ ۾ ڳوهڻ سان يا فقط آڱرين جي
چوٽين سان ڪبي آهي. سئيسن، ڪي
اوهان ڏنو هوندو ته گهوڙن کي ڪيئن
مالش ڪن ٿا؟ پيٽ کي مالش ڪرڻ
سان، آنڊن کي آرام ايندو آهي، پيٽ جو
سور دفع ٿيندو آهي، هاضمي جي طاقت
وڌندي آهي. نڙيءَ کي مالش ڪرڻ
سان، نڙيءَ جو سور يا زڪام يا ڪليون،
بهي ويندون آهن. وهنجڻ ۾، مالش جي
لاءِ گرم پاڻي بهتر آهي، خصوصا عضون
مڙڻ يا ضربن رسڻ يا ڌڪ لڳڻ جي
حالت ۾. ولايت ۾ پاڻيءَ جي مالش يا
وهنجڻ جا علحدا رستا آهن ۽ انهن جا
علحدا نالا - جيئن ته ترڪي رستو يا
روسي رستو وغيره. جدا جدا بيمارين لاءِ
جدا جدا طرز ۾ رستا مقرر آهن.

(7)

اوزارن سان ورزش

مثي، اوزارن کان سواءِ ورزش ڪرڻ جا
رستا ٻڌايا ويا آهن. هاڻي اسين، ڪن
اوزارن سان ورزش ڪرڻ جو ذڪر
ڪنداسين. مثي، لٺ سان ورزش ڪرڻ

جـو ٿـورو ذڪـر آيـو آهي. ٻيـا عـام اوزار، ورزش ڪــرڻ جــا آهن، مگــدر يــا ڏنــڊ ۾ لوهه جا ڊمبيل. يورپ ۾، توڙي هندسـتان ۾، اُهي عام آهن ۾ اسـڪولن سـان لاڳـو جمنيشم يا راند جي جاين ۾ به، انهن جي ڪم آڻڻ جي تعليم ڏيڻ ۾ اينــــــدي آهي. مگدر يا ڊمبيـل، جـوڙو جـوڙو ڪـري ڪم آڻيندا آهن ۾ ٻنهي هٿن ۾ ڪٽندا آهن. انهن جي ورزش، سـواءِ اسـتاد جي، مشـڪل آهي. هتي رڳـو انهن جـو مختصـر اشـارو ڏنـو ٿـو وڃي. ٻنهي هٿن ۾ مگـدر جهلي، لڙڪائي، سڄو ڪٻي ڏي ۾ ڪٻو سـڄي ڏي نجي، ڇـوڏاري ڦـيرائجي، ٻـانهون مـٿي ڪـري، ڳنن ڪـان وٺي، اُٻـا ڪـري، مـٿي جهلجن، ٻئي ٻانهون گڏ جهلي، ٻنهي هٿن جا مگـدر گـڏ، ٻنهي پاسـي نجن يـا مـٿي ڪجن يـا ڇـوڏاري ڦـيرائجن، يـا هڪـڙو هيٺ لڙڪـائجي تـه ٻيـو مـٿي نجي، ٻـئي ٻـانهون ڊگهيـون ڪـري، مگـدر بـه سـڌا سـنوان جهلي بيهجن، سـڄي هٿ وارو مگــدر ڪــٻي ڪلهي تي سـنئون ڪــري جهلجهي ۾ ڪــٻي هٿ وارو سـڄي ڪلهي

تي، سڄو، اڳيان هيٺ، پاسيرو ڪري جهلجي ۽ ڪپو، پٺيان، چيلهه ڏاري، اُپو ڪري بيهارجي ۽ واري سان، ٻئي، ائين ڪجن، ڪڏهن ٻئي پٺيان، اُپا ڪري جهلجن، ڪڏهن هڪڙي ٻانهن، ٻيءَ جي هيٺان لنگهائي، بغل وٺان، مگدر، مٿي ڪري جهلجي. ڪڏهن مگدر، چوڏاري ڦيرائجي، ڪڏهن ٻئي مگدر، پٺيان جهلجن يا جهڪي، پاسيرا جهلجن. جڏهن پٽن تي ويهي، ٻانهون ڊگهيون ڪري، مگدر جا چيڙا، ڪلهن تي رکجن.
اهي مگدر يا ڊمبيل، تمام ڳرا ٺيندا آهن، پر عمر ۽ قد آهر ماڻهو، مناسب وزن جا ڪم آڻي ٿا سگهن. ڇوڪرن توڙي ڇوڪرين لاءِ، اها چڱي ورزش آهي. ڪڏهن ٿلها ڪاٺ جا ڏنڊا به، انهن جي عيوض ڪم آڻي ٿا سگهجن، مگر ٻئي هڪجهڙا ۽ هڪ جيڏا ۽ هموزن هئڻ گهرجن.
ٻيا اوزار، ورزش جا، لٺيون يا ڪاٺ جون تراريون ٺينديون آهن، جن سان ٻه ماڻهو هڪٻئي سان راند ڪندا آهن يا ڪوڙ

ڪري، وڙهندا آهن ۾ ٻنهي جي ڪوشش، اها هوندي آهي ته پاڻ، ٻئي کي ڌڪ هڻي ۾ ٻئي جو ڌڪ پاڻ تان ٽاري. انهيءَ کي پلٽو ۾ پلٽي بازي چوندا آهن. اهو به وڏو هنر آهي ۾ تعليم کان سواءِ، سکڻ مشڪل آهي. اصل، اهو پهلوانن ۾ جنگي بهادرن جو ڏنڊو يا هنر هو.

ٻيو اوزار، ورزش جو پڇري آهي، يعني ڳرو ڪاٺ جو ٽڪر يا پهڻ، جنهن ۾ هٿ وجهڻ جي جاءِ آهي. انهيءَ کي جهلي، ٽنگن جي وچ مان لوڏي، هڪڙي هٿ سان، گهڻو ڪري سڄي هٿ سان، پهرين ڪٽي، ڪلهي تي جهليندا آهن ۾ پوءِ ڪٽي، ٻانهن سنئين ڪري جهليندا آهن. ڪي ڪي ماڻهو، هن کان به گهڻو بار، ائين کڻي ويندا آهن، پر ورزش جي لاءِ عمر جي نظر تي، هلڪيون يا ڳريون پڇريون ڪم آڻي ٿيون سگهجن.

سنڌ ۾ ڪي ماڻهو، ننڍن ٻارن، بلڪ وڏن کي، گوڏا اُڀا ڪري، ٻانهون مضبوط ٻڌائي، وهاريندا آهن، پوءِ هنن جي ٻانهن

۾ هٿ وجهي، پڇريءَ وانگي هنن کي
مٿي کڻي، پانهن تي سنئون جهليندا آهن.

(8)

راندين ۽ بازين جي ورزش

ٻارن جون، توڙي وڏن جون، کي رانديون ۽ بازيون به، ورزش جي لاءِ تمام چڱا اُپاءُ آهن. انگريزي رانديون، ڪرڪيٽ ۽ فوٽ بال وغيره ته هاڻي عام آهن ۽ انهن جا ڪتاب آهن، جن ۾ انهن جا قانون ڏنل آهن. هتي، اسان کي پيون ساديون ۽ عام رانديون ڏيڻيون آهن، جن مان پڻ، عمدي ورزش حاصل ٿئي ٿي. پهرين ملهه، آهي جا سنڌ ۾ عام آهي. ٻه ڄڻا وڙهندا آهن ۽ هڪٻئي کي ٻاڪر وجهي، زور لائي، مٿي کڻي يا جانٺا هڻي، هيٺ ڪيرائيندا آهن. ڪشتي به، اهڙي ئي راند آهي، جنهن ۾ هڪڙو، ٻئي کي، زور سان جهلي، زمين تي پٺا ڪوڙائيندو آهي. اهي ٻئي، پهلوانن جون رانديون آهن ۽ هڪڙو هنر شمار ڪيل آهي.

چنـــبي ڏيڻ جي چڱي ورزش ۾ زور جي آزمائش آهي. هڪــڙو، سـڄي هٿ سـان، ٻئي جـو سـڄو هٿ جهلينـدو آهي ۽ اهـو، پهرئين جي ڪارائيءَ تي زور ڏئي، پنهنجو هٿ، هن جي هٿ مان ڇڏائينـدو آهي. يـا هڪــڙو مــاڻهو، ڪــا ننـڍي شــيءِ، مٺ ۾ جهلينـدو آهي ۽ ٻيــو، زور ســان، هن جي مٺ کولي، اُها شيءِ ڪڍندو آهي،
ٻي، زور جي آزمــائش جي رانـد جهوٽـٽي آهي. ٻه ماڻهو، آمهون سامهون ٽي وهندا آهن ۽ پنهنجن پيرن سان، وچ ۾، هڪــڙي لســي ۽ مضــبوط ڪــاٺي جهلينـدا آهن ۽ هڪڙو، پنهنجو ســاڄو هٿ انهيءَ ڪــاٺيءَ ۾ وجهي، ان کي مضبوط جهليندو آهي ۽ ٻيو پنهنجو هٿ، هن جي ڪارائيءَ، ۾ زور ســان ڇڪـي، هن جـو هٿ، ڪــاٺيءَ مــان، ڪڍندو آهي.
تيزيءَ جي راند، هڪڙي ٽنگ تي، ڪرڻ ۾ ايندي آهي. اُها ٻه چڱي ورزش، آهي، جو سڄي ٻت سان، ٽپڻو ٿو پوي. ٻــارين رانـد ٻه، چڱي آهي، جو انهيءَ ۾ ڊوڙڻو ٿو پوي ۽ هڪڙو ڊوڙي، ليڪ کان نڪــرڻ گهرنـدو

آهي □ پيــو، انهيءَ کي ٻوڙي، روڪينــدو
آهي. ڪينهــونءَ رانــد بــه چڱي آهي، جــو
انهيءَ □ به، ٻانهن کي، ڪينهون اڇلائڻو ٿـو
ٿـئي □ ٽنگن سـان، ٻوڙڻـو ٿـو ٿـئي. لڪ
لڪــوٽي بــه، چڱي رانــد آهي، جـو هڪـڙو
وجي، ڪٿي لڪندو آهي □ ٻيــا، انهيءَ کي
ڳولي لهندا آهن □ انهيءَ جي پٺيـان پـئي،
ٻوڙي، انهيءَ کي وٺندا آهن.
انهيءَ طـرح، ڪيـتريون ئي ٻيـون ديسـي
رانديون آهن، جي خاص ٻهراڙيءَ □، ننـڍا
توڙي وڏا، ٽڏي وقت □ رهي سگهن ٿا.
بازيون به، ورزش جي لاءِ چڱيــون آهن،
مگــر انهن جي لاءِ، اســتاد جي تعليم جــو
ضرور آهي □ انهن جي ڪرڻ □، وڏو هنر
ٿــو گهــرجي □ ڪن □، ڏاڍي ســنڀال ٿي
گهرجي، ته متان، ڪنهن کي، ڪـا ضـرب
رسي يا ڌَڪُ اچي. بازيگرن جـون بـازيون
به، انهيءَ قسـم جـون آهن، مگـر اسـين،
انگريــزي جمنيشــيم وارين رانــدين جــو
اشارو ٿا ڏيــون، جي اڪــثر، ســرڪاري □
خانگي اسڪولن □ سيکاريندا آهن. جــيئن
ته ٻن ڪاٺين تي هڪڙي ڪاٺي قابو رکي،

انهيءَ ۽ هٿ وجهي، ڪي ڪٿرتون ڪنــدا آهن. پــه آمهــون ســامهون ڪــاٺيون، ٻن ڪــاٺين تي بيهــاري، انهيءَ تي ڪــٿرتون ڪندا آهن. ڪاٺ جو گهوڙو ٺــاهي، انهيءَ تي ڪٿرتون ڪنـدا آهن. زمين تي تريــون کوڙي، اونڌا بيهي، هيٺ مــٿي ٿيڻ ۽ اٿلڻ پٿلڻ سـان، ڪـٿرتون ڪنـدا آهن. هڪـڙي مضــبوط رســيءَ کي، ٻنهي ڇــيڙن کــان، هڪ ڪــــان وڏيڪ مــــاڻهو جهلي، پنهنجي پنهنجي پاســي ڇڪينـدا آهن، ۽ ڪوشــش اهــا ڪنــدا آهن تــه هڪــڙا، ٻين کي، زور سان گهلي، پنهنجي پاسي نين. اهي سڀ زور آزمائڻ ۽ بت جي سيني عضــون جي ورزش لاءِ، چڱيــون رانــديون ۽ بــازيون آهن، جن جي استعمال ڪر گهرجي.

[8]
اسلام ۽ علم جي ڳولا

(يا، قديم يوناني، فارسـي ۽ سنسـڪرت ڪتاب، مسلمانن جا ترجمه ٿيل)

مسلمانن جو نبي صلي الله عليه وسلم اُمي هو، يعني پاڻ، لکي پڙهي نه ڄاڻندا هئا. اسلام کان اڳي، يعني جاهليت جي زماني ۾، عرب شاعر، گهڻا هئا، پر لکي پڙهي نه ڄاڻندا هئا. جي ڪي ڪجهه، ضروري لکڻو ٿيندو هو، ته هيبرو يا عبراني اکرن ۾ لکندا هئا. سگهوئي پوءِ، عربي صورتخطي پيدا ٿي، پر سا به نقطن کان سواءِ اکرن ۾، جنهن کي ڪوفي خط چوندا هئا. حضرت جن جي وقت ۾، حضرت علي ۾ ڪي پيا ٿورا اصحاب، عربي لکي پڙهي ڄاڻندا هئا، پر سو به انهيءَ ڪوفي خط ۾. خليفي حضرت عثمان، قرآن مرتب ڪيو، ته به انهن ئي اکرن ۾. نقطن نه هئڻ ڪري، گهڻيون غلطيون ٿينديون هيون، جيئن سنڌ، ۾ واڱڪن پٽن اکرن ۾ ٿينديون هيون، جي سڌريل هندو - سنڌي يا عربي - سنڌي پيدا ٿيڻ ڪري گم ٿيون. عباسي خليفي عبدالملڪ بن مروان جي زماني ۾، حجاج بن يوسف جي ڪوشش سان، نصر بن عاصم، عربي حرفن تي نقطا

ٺهرايـــــا، جنهن جي ڪـــــري، اڳوڻيــــون غلطيون، گم ٿيڻ لڳيون □ قرآن بـه پـوءِ، انهن اکرن □ لکيو ويـو. لکڻ جي سـامان جي به مشڪلات هئي. ڪـاٺي يـا ڪـانهن جو قلم □ پيـٺـل اڱـرن □ ڪـونر جي مس، پهـرين ڪم اچڻ لڳي، پـر ڪاغـذ ڪـو نـه هو. ڪل، ڪـپڙي يـا تخـتي تي لکنـدا هئـا. مصـر جي فتح ڪـرڻ ڪـان پـوءِ، پـاپيرس يارق ڪم اچڻ لڳو، جنهن مـان انگريـزي لفظ پيپر نڪتو. سچو پچو ڪاغذ، عباسي خليفي هــارون الرشــيد جي وقت □ ڪم آيــو □ فضــل بن يحى بــرمڪيءَ، ڪاغــذ ٺاهڻ جو ڪارخانو ڪـڍيو، جـو سـگهو ئي بغداد □ شام □، □ پوءِ اندلس يا اسپين □ آيــو □ اتـان، ان جــو رواج، يــورپ □ پيــو. جتي تيستائين اهڙو سڌارو ڪــو نـه هــو. ٽين □ چوٿين هجري صديءَ جا ڪاغــذ تي لکيل ڪي ٿورا ڪتاب، لنڊن جي عجــائب خــاني □، اجــا موجــود آهن. اســلام جي شـروعات ڪـان وٺي، عباسـي خليفن جي زماني تائين، هيٺين مضمونن جي علمن تي، عربن، ڪتاب لکيا: علم صــرف، علم

نحـو، علم انشـا، علم لغت، علم عـروض وقافيـــــه، علم بـــــديع، علم ڪلام، علم منــاظره، علم معــاني، علم ادب ۽ علم تــاريخ. علمي مــايي وڌائڻ لاءِ ۽ ڪتــابي خزاني زيادهه ڪرڻ لاءِ عـربن ۽ ٻيـا علم وارا مسـلمان، ٻين ملڪن ڏي نهـارڻ لڳـا ۽ جــدا جــدا مضـمونن جـا ڪتـاب، هٿ ڪري، عربيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ لڳا، انهيءَ ڪم لاءِ، اگرچه، هو چين تائين به ويـا، تـه به گهڻـا ڪتـاب، هنن، ڦهريـائين يونـان، ۽ پوءِ ايران ۽ پوءِ هندوستان مان هٿ ڪيا، ۽ عربيءَ ۾ ترجمو ڪيا. مطلب ته اسلام ۾ باقاعــدي تعليم، ســن 143 هجــريءَ ڌاري شروع ٿي ۽ پوءِ، ٻن ٽن صدين جي انــدر، هــزارين عــالم، فاضــل، مجتهــد، فقيهه، حڪيم، فيلسوف، اديب، شـاعر ۽ مؤرخ پيدا ٿيا، جن تي مسلمانن کي، فخر ڪرڻ جـو واجـبي سـبب آهي ۽ جن ڪـان مغرب يا يورپ وارا، فيض حاصـل ڪـرڻ لڳا، جتي اوستائين، علم ۽ هـنر جـو نـالو ئي ڪونه هـو. مسـلمانن جي مدرسـن ۾ تعليم گـــــاهن ۾ پـــــڙهي ۽ انهن جي

ڪارخانن ۽ هنر سکي، ڪيترن يورپين ماڻهن، علم ۽ هنر، پنهنجن ملڪن ۾ وجي پکيڙيو ۽ انهيءَ طرح، يورپ ۾ علم ۽ هنر جو سڌارو ٿيو. انهيءَ لاءِ، يورپ وارا، اسلام جا احسانمند ۽ شڪرگذار آهن. انگريزي مشهور عالم راجربيڪن، اسپين جي اسلامي يونيورسٽيءَ يا دارالعلوم ۾ پڙهيو. روم جا پوپ سلوسٽر ۽ ڪنسٽنٽائين ٻئي، عرب استادن جا شاگرد هئا. حسابي علم جون سڀ شاخون، سائنس جا سڀ قسم، ڪيميا يا ڪيمسٽري، قدرتي علم، طب ۽ دواسازي، خاص اکين جي طب، اسپتالون، دوا خانا، شفا خانا، چرين جو اسپتالون، علم نجوم، علم هيئت، علم تاريخ، علم جغرافيه ۽ ڌرتيءَ جي پيمائش، عمارت سازي، علم زراعت، سٽ ۽ ريشم جا ڪارخانا، ڪاشي ۽ مينا جو ڪم، اهي سڀ علم ۽ هنر، پهرين، مسلمانن شروع ڪيا ۽ پوءِ، يورپ وارن، انهن کان سکيا. اڪثر، اُهي سڀ علم ۽ هنر، عباسي خليفن جي ڏينهن ۾ شروع

ٿيا. هر هڪ دور ۾، جي ماڻهو، نهايت مشهور ٿي گذريا، تن مان ڪي ٿورا هتي ڏجن ٿا: صرف نحو ۾، ابوالاسود ۽ عبدالرحمان. لغت ۾ خليل بن احم الغراهدي، زمخشري ۽ ثعلي. قصن ۽ شعر ۾ خليل بن احمد (مثيون)، همداني، حريري، اصفهاني، ابونواس، امراءَ القيس، لبيد، متنبي ۽ ابوالعلا. فسلفه ۽ حڪمت ۾ الڪندي، الفارابي، ابن سينا، ابن باجا، ابن رشد ۽ غزالي. تاريخ ۽ جغرافيه ۾ واقدي، ابن قطيبه، مسعودي، حمزه اصفهاني، نويري، سيوطي، ابن حلدون، ابو الفدا، ابو الفرج، ابن الاثيري، نوادي، ابن خلقان، يعقوبي ياقوت، اسطخري، بيروني ۽ ادريسي. نجوم ۾ الخوارزمي، يحى، ابو معشر، الفرعاني ، الڪندي. علم هيئت ۽ حساب ۾ الخوارزمي، طب ۽ ڪيميا ۽ ٻين قدرتي علمن ۾ الفارابي، ابو سينا، ابن البيطار طيفشي ۽ ڪيترائي ٻيا.

(1)
قديم يوناني ڪتاب

هاڻي هيٺ ڏيکاريو ته مسلمانن، پهرين يونان مان، پوءِ ايران مان ۽ پوءِ هندستان مان، ڪهڙا ڪتاب ورتا ۽ ترجما ڪيا ۽ ڪهڙن اُهي لکيا؟ يونان مان اڪثر، فلسفه، طب ۽ منطق وغيره جا ڪتاب، مسلمانن چونديا. يونان ۽ رومي ۽ پيا آس پاس وارا ملڪ به اچي وڃن ٿا.

(1) رسطيقوس (ارسٽيڪس)، جنهن جو مشهور ڪتاب حدود، ابو وفائي ترجمو ڪيو. هو دهري طريقي جو هو، پر پوءِ، جڏهن فلسفي حڪيم آيا، تڏهن حڪيم جا ڪتاب بند ٿي ويا. (2) فيثاغورث (پٿاگوراس). علم رياضي، هندي، هيئت، نجوم، طب، ڪهانت وغيره تي ڪتاب لکيائين. اهو پهريون حڪيم هو، جنهن دهرين ۽ طبيعي فرقي وارن ڪي رد ڏنو ۽ زمين ڪي چرنڊڙ ۽ سج ڪي بيٺل

ڇاتـائين. اُنهيءَ جـا گهڻـائي ڪتـاب آهن، جي ترجمـــو ٿيـــا. ڪي خـــاص هي آهن: ارســـماطيقي (ارٿميٽڪ)، الـــواح، النـــوم واليقظه، رساله الذهبيه، الالات، العقايـد، تڪوين العـالم، ابي متجـرد، ابي سـقناني، استخراج المعاني، بيانات العقليه وغيره (3) سقراط (ساڪريٽيز) جنهن جا گهڻائي شاگرد هئا، جي پوءِ استاد ٿيا. هـو موحـد هـــو □ علم معقـــولات تي گهڻـــا ڪتـــاب لکيائين. مڙيئي ايڪهٺ ڪتاب، جـدا جـدا مضمونن تي سندس لکيل آهن، جيئن تـه توحيـد، مناجـات، عقـل، نفس، جـوهر □ عـرض، حسـن □ لـذت، هندسـه، وغـيره ڪن ڪتـابن جـا نـالا هي آهن: تـالخيس، لاخس، خـــردس، فـــريطن، فيلوطـــوتي وغيره. (4) بقراط (هپاڪريٽز): جــو طب وارن جـو اسـتاد هـو. انهيءَ جـا گهڻـائي ڪتاب آهن. مثلن عهد بقـراط □ فصـول، جي حنين، عربيءَ □ ترجمو ڪيا. امـراض الحاره جو ترجمو، عيسـى بن يحي ڪيـو. اخلاط جو ترجمو به حنين ڪيـو، □ المـاءِ والهـوا جـو بـه □ جيش بن حسـن، انهيءَ

تي شرح لکي. طبيعت الانسان به، حنين ترجمو ڪيو ۽ عيسى بن يحى، انهيءَ جي شرح لکي. (5) اقليدس (يوڪلڊ): هن جا، رياضيءَ تي ڪتاب آهن، جي سندس نالي پٺيان مشهور آهن، ۽ ڪي موسيقيءَ يا راڳ تي به. ڪن ڪتابن جا نالا هي آهن: مناظر، مفروظات، طاهرات، معطيات، قسمت، قانون، ثقل و خفت، اقليدس وغيره. جن عالمن، انهن جا ترجما ڪيا، سي هي آهن: يعقوب بن اسحاق الڪندي، ثابت بن قره، ابو علي حسن بصري، ابن هشيم، قاضي ابي محمد بن عبدالباقي بغدادي، اسحاق بن حنين، علي بن احمد عمراني، ابو حفص خراساني، ابوالقاسم انطاڪي، ابوالوفا، ابويوسف رازي ۽ پيا. (6) ارسطاطاليس (ارسٽاٽل): هي هڪڙو وڏو يوناني فيلسوف ٿي گذريو آهي، جو سڪندر جو استاد هو. هن جا گهڻائي ڪتاب آهن، خاص چئن مضمونن تي: منطقيات، طبيعات، الٰهيات، ۽ خلقيات. وري هر هڪ جا پاڱا آهن. جن تي جدا

جــدا نــالن جــا ڪتــاب آهن. اُهي ســپ، عربيءَ ۾ ترجمو ٿيا آهن ۽ هيٺيـان عـالم، انهن جـــا تـــرجمي ڪنـــدڙ آهن: محمـــد موســى بن شــاڪر، حــنين بن اســحاق، جيش بن حسن، قسطار بن بوقــا، يحــيى بن عدمي نحوي، ابوبشر مني، ابن مقنع، ابن بهـــرين، ڪنـــدي، احمـــد بن الطيب درازي، فارابي، اسڪندر افريدوسي، ابن ناعميه، ابراهيم بن عبدالله ۽ بيشمار ٻيا، جن مـان گهڻـا عباسـي خليفن پگهـار تي، انهيءَ ڪم لاءِ مقرر ڪيا هئـا، جـو يونـان مـان پنج اُٺ ڪتــابن جــا، خليفي مــامون جي راڄ ۾ هن گهرايا هئـا. (7) جـالينوس (گالن): مشهور يوناني طبيب هو. چون ٿا ته هن، چار سو ڪتاب، طب تي لکيا هئا. ڪن جـــا نـــالا آهن: متفـــرق، الصـــناعته، مـــزاج، قـــوى طـــبيعت، علـــل، امـــراض، حميات، تشريح الڪبير، اختلاف التشـريح، تشريح الحيـوان، ۽ ٻيـا بيشـمار. انهن جـا ترجمـا ڪنـدڙ خــاص هي آهن: حــنين بن اســـحاق، جيش، اصـــطفن بن نســـيل، ابراهيم بن الصلت، ثابت بن قره، عيسى

بن يحى، يحى بن بطريـــــــق، علي بن
عيسى، وغيره. (8) بطليمـوس (ثـالمي):
هيءُ، نجوم ۽ هندسه جي علم جو اسـتاد
هو، جنهن رصد ۽ اصطرلاب بنايـا. انهيءَ
جا به گهڻا كتاب مشـهور آهن، جـيئن تـه
مجسطي، نقش الارض، جغرافيه، اعمال
الرصد وغيره، ۽ انهن جا مشهور مــترجم
هي آهن: فضـــل بن يحى تـــبريزي، ابـــو
ريحـان خـوارزمي، محمـد بن جـابر، ابـو
حيـــان، حجـــاج بن مطـــر، ابـــراهيم بن
الصلت، حسين بن اسحاق وغيره.
مثين مشهور يوناني حكيمن كان سـواءِ،
هيثيـان حكيم بـه آهن، جن جـا كتـاب،
سـرياني تـوژي عـربيءَ ۾ ترجمـا ثيـا:
انكساغورث (آنگزگوراس)، فلانوس، جو
فيثاغورث جو شـاگرد هـو ۽ جـو ايـران ۽
هندوسـتان ۾ بـه آيـو هـو. افليمـون، جـو
بقراط جو شـاگرد ۽ فراسـت جي علم ۾
قابل هو. ابلونيوس يا بليناس، جو هندسه
۽ رياضـيءَ ۾ قابـل هـو ۽ جنهن جـا
مشـهور كتـاب مخروطـات، ۽ قطـع
الخطـوط ۽ قطـع السـطوح ۽ مقاصـد

آهن، جي سيئي، ثابت بن قرت ترجمو
ڪيا. نيقوماجس، جو فيثاغورث جو
شاگرد □ ارسطاطاليس جو پيءُ هو □
حساب، طب □ راڳ □ ماهر هو □ انهن
تي، گهڻا ڪتاب لکيائين. اسقلادس، جو
اقليدس جو شاگرد هو. انهيءَ جا ڪتاب
اجرام، ابعاد، طلوع وغروب مشهور آهن
□ ترجمو ٿيا. فاليس رومي، جنهن
ارسطوءَ جي منطق ڪي شرح لکي □
ڪتاب احڪام المواليد □ برنذح لکيائين،
جن جو تفسير، بوزرجمهر لکيو □ عربيءَ
□ ترجما ٿيا. ارشميدس (ارڪميدس)، جو
هندسه □ رياضيءَ □ استاد هو. دوائر
متماسه، خطوط متوازنه، خواص مثلثات،
ماخوذات اصول هندسه، مفروضات، □
ٻيا سندس تصنيف ڪيل ڪتاب آهن، جي
سڀ ترجمو ٿيا. اسڪندري افريدوسي،
ارسطوءَ جي شاگردن مان هو. انهيءَ جا
ڪتاب اصول عاليه، عڪس، فرق مابين
جنس وهيولى، □ ٻيا، مشڪل فلسفه جا
ڪتاب، جي سڀ عربيءَ □ ترجمو ٿيا.
منارائي، هندسه جو عالم، ابرخس بابلي،

نجوم جو عالم، برقليس دهري، فرفوريوس، صوري، جنهن ارسطوءَ جي كتابن جي شرح لکي. ذي سي قوريدوس، جو محققن مان هو ۽ مفرد دوائن تي گهڻا كتاب لکيائين، طرقيسوس، اوطرقوس، اردساسيوس، اسكندروس، برقطوس، باذنيس رومي، ذيوفروس، ديمقراطيس، ذيوقيطس، سنبليقوس رومي، طوريوس، طيقروس، فولس، يحى مصري. اهي سڀ عربيءَ ۾ ترجمو ٿيا.

(2)


قديم فارسي كتاب

جڏهن مسلمانن، ايران يا فارس فتح كيو، تڏهن فارسي زبان تي، اسلام جو ۽ عربي زبان جو اثر ٿيڻ لڳو. اڳي، ايران ۾، قديم فارسي كم ايندي هئي، يعني درِي ۽ پهلوي، زند ۽ پازند، جي ٻوليون، سنسكرت سان گهڻو مشابهه هيون. جڏهن مسلمانن، ايران ڏي قدم كنيو ۽ عرب حاكم ٿيڻ لڳا، تڏهن سركاري زبان، عربي ٿيڻ لڳي ۽ اُها

قديم فارسي، گم ٿيڻ لڳي، پر سگهوئي، اُهي حاڪم ٿيڻ لڳا، جن جا آباواجداد ايراني هئا، تنهنڪري فارسي، وري جيئري ٿيڻ لڳي، مگر منجهس، عربي لفظ شامل ٿيڻ لڳا. سنه 442هه ۾، اميراسماعيل سامانيءَ جي زماني ۾ ايران، ترڪستان ۽ خراسان ۾، اُها عربي آميز فارسي، سرڪاري دفتري زبان ٿي وئي، ۽ سگهوئي پوءِ، ايراني مسلمانن، تصنيف ۽ تاليف جو ڪم شروع ڪيو.

علم تاريخ

عباسي خليفن جي دربار ۾، اڪثر ايراني مجوسي، گهڻا هوندا هئا ۽ انهن ڪان، قديم فارسي ڪتابن جي ترجمي جو ڪم، وٺڻ ۾ ايندو هو. پر عربن جي غلبي سبب ايران جي ڪتبخانن کي، گهڻو نقصان رسيو هو. تنهنڪري اُتي جي حڪمت، فلسفه ۽ اهڙن ٻين اعلى علمن جو، ڪو به ڪتاب، عربيءَ ۾، ترجمو ٿيل، ڏسڻ ۾ ڪو نه ٿو اچي. فقط علم ادب، علم اخلاق، علم طب، علم تاريخ ۽ جنگ



جي فن جا ڪتاب ترجمو ٿيا، پر سي بـه پونئين زمـاني ۾، ۽ اردشـير جي عهـد ۾.
مســـلمانن کي، تـــاريخ جي علم ســـان، خاص دلچسپي هئي، تنهنڪـري تـاريخ جـا جيڪي ڪتاب ملي سگهين، سي عـــربيءَ ۾ آندائون. انهن مان، ڪن خـاص ڪتـابن جا نالا هي آهن:

(1) خدائي نامه: عجم جي بادشاهت جو مفصل احوال، شـروع کـان وٺي پڇـاڙيءَ تائين. اُهو، عبدالله بن المقنع ترجمو ڪيو ۽ انهيءَ جو نالو ”تاريخ ملـوڪ الفـرس“ رکيائين. اهو گهڻو پسـند آيـو ۽ انهيءَ جـا گهڻائي نقل ٿيا ۽ گهڻو پڙهڻ ۾ آيو.

(6) آئين نامـه: اهـا بـه هڪـڙي مفصـل تاريخ هئي ۽ سـاڳئي شـخص، انهيءَ جـو ترجمو ڪـيو. اُهـو، هڪ وڏو ڪتـاب آهي. اڪثر، پارسي موبدن وٽ رهندو هو.

(3) ڪهن نامـه: هيءُ بـه آئين نامـه جـو پـاڱو آهي ۽ آئين اڪـبريءَ وانگي، انهيءَ ۾، جدا جـدا عهديـدارن ۽ منصـبدارن جـو ذڪـر آهي، جي تعداد ۾ ڇهه سو ڏيڪاريـل آهن. (4)سـيرملوڪ الفـرس: ايـران يـا

فـارس جي جـدا جـدا بادشـاهي خانـدانن
جي تـاريخ آهي □ جـدا جـدا مصـنفن جي
لکيل آهي. عبدالله بن المقنـع، محمـد بن
جهم بـــــرمکي زادويـــــه بن شـــــاهويه
اصــفهاني، محمــد بن بهــرام بــرمکي،
اصـفهاني، اهي سـڀ، انهيءَ جـا ترجمـو
کنـــــدڙ آهن. (4) ســـــيکرانيڀ هي هڪ
مفصـل ايـران جي تـاريخ آهي □ عبداللـه
بن المقنــــع جــــو ترجمــــو ٿيــــل آهي.
مسعوديءَ، پنهنجي ڪتاب مـزوج الـذهب
□، هن ڪتـاب جي گهـٽي تعريـف ڪـئي
آهي. (6) تـاريخ ساسـاني: هيءُ ڪتـاب،
ساساني شاهي خاندان جي مفصل تاريخ
آهي. هن جـو ذڪـر پڻ مسـعوديءَ ڪيـو
آهي، جو سنه 303هه □ موجود هـو. اُهـو
ســـــاڳيو ڪتـــــاب، هشـــــام بن قاســـــم
اصـفهانيءَ بـه ترجمـو ڪيـو، جنهن جي
اصـــلاح، پـــوءِ بهـــرام بن مـــراد شـــاه
نيشاپوريءَ ڪئي.
(7)رسـتم واسـفنديارنامه: هن □، انهن
ٻن پهلوانن جـا ڪارنامـا □ جنگيـون آهن.
جبله بن سالم، انهيءَ جو ترجمو ڪيو.

(8) بهرام نامه: بهرام بادشاهه جي تاريخ آهي ۽ ساڳئي مترجم، جبله جو لکيل آهي.
(9) ڪارنامه: هن نالي جا ٻه ڪتاب آهن: هڪڙو، نوشيروان بادشاهه جي احوال بابت ۽ ٻيو اردشيربابڪ جي بابت، جنهن پاڻ پنهنجو احوال لکيو هو، تزڪ جهانگيريءَ وانگي. (10) نوشيروان نامه: به، اهڙو هڪڙو ذار ڪتاب، ترجمو ٿيو.
(11) سيرت نامه: هداهود بن فرخ زاد جو ترجمو ٿيل. (12) شاهنامه: مٿين ڪتابن مان احوال، عربي شعر ۾ لکيل، ابوعلي محمد بن احمد البلخيءَ جو. تنهن کان سواءِ، شهرزاد يا پرويز، بهرام ورسي نامه، مزدڪ نامه ۽ ڪتاب التاج به ترجمو ٿيا. نوشيروان جو وصيت نامو، پنهنجي پٽ کي، اردشيربابڪان جوعهدنامو شاپور جي نالي، نوشيروان جو خط، فوج جي سردارن ڏي ۽ سنديس، جواسب سان خط ڪتابت به، عربيءَ ۾ ترجمو ڪئي وئي. شاهنامو،

فردوسيءَ وارو، فارسيءَ ۾ گهڻو پوءِ لکيو ويو.
مٿين تاريخي ڪتابن جي نسبت ۾، هيترو لکڻ مناسب آهي، ته ڪن ڳالهين ۾، عربي ترجمن ۽ يوناني ترجمن ۾ فرق آهي، جيئن ته جيڪي ڪتاب، ايران جي تاريخ بابت، يونانين ترجما ڪيا، تن ۾ شميرغ يا سفيد ديو، يا ضحاڪ جي نانگن وغيره جو ذڪر ئي ڪونهي، جنهنڪري يورپي يا مغربي مؤرخن جو چوڻ آهي ته اُهي، پنهنجا، ٺاهي گڏيا اٿن، اصل ڪين هئا. پر حقيقت هيءَ آهي ته يونانين، اُهي نه وسهي، ڇڏي ڏنا، پر عربن، ذري پرزي جو، سچو ترجمو ڪيو. انهيءَ بابت، مسعوديءَ به، پنهنجي ڪتاب ۾، صاف ڏيکاريو آهي ته ”مون، ئي اُهي ڳالهيون لکيون آهن، جي فقط ايرانين لکيون آهن، نه اُهي، جي ٻين قومن، جيئن ته يهودين، يونانين، يا رومين لکيون آهن، ڇالاءِ جو هنن جي ۽ ايرانين جي بيانن ۾ اختلاف آهن ۽ اسان کي، لازم آهي، ته اسين، ايرانين جو لکيو اختيار ڪريون.“

علم تاريخ

تاريخ ڪان سواءِ ڪيترا مذهبي ڪتاب بہ، ايرانين جا، عربيءَ ۾ ترجمو ڪيا ويا. (پهرين) ايرانين جي بانيءَ زردشت جو پاڪ، ڪتاب جو آسماني چوڻ ۾ ٿو اچي، يعني اوستا، جو اصل قديم پهلوي زبان ۾ هو، ۽ جنهن جو ترجمو زردشت پاڻ ڪيو ۽ انهيءَ جو نالو پازند رکيائين ۽ جنهن جي شرح، وري موبدن لکي ۽ انهيءَ جو نالو پارده رکيائين، اهي سڀ پاڪ ڪتاب، سڪندر جي ايراني ڪتبخانن جي ناس ڪرڻ هوندي، گهڻن هنڌن تي پهچي ويا هئا، جي عربن کي هٿ آيا ۽ انهن جي هنن، ڏاڍي حفاظت ڪئي، ۽ پوءِ، انهن جو عربيءَ ۾ ترجمو ڪيائون. انهيءَ بابت بہ مسعودي لکي ٿو تہ چوٿين هجري صديءَ جي شروعات تائين، اهي ڪتاب، پوريءَ طرح موجود هئا ۽ سيستان ۾، هڪڙي شخص کي تہ برزبان ياد هئا. حمزه اصفهاني، جو چوٿين صديءَ ۾ هو، سو پنهنجي "سني الملوڪ" ۾، گهڻن هنڌن تي اوستا جي

عربي ترجمي جا حوالا ڏئي ٿو ۾ پنهنجي
بئي ڪتاب تاريخ ڪبير ۾ به، اوستا جي
واقعن جو ذڪر ڪيو اٿس.
زردشت کان سواءِ، ايران ۾، ٻين مذهبن
جا به ڪي باني ٿي گذريا هئا، جيئن ته
مرقيون، ابن ويصان، مزدک ۽ ماني.
مرقيون، روم جي ٻارهين شهنشاه يا
قيصر جي زماني ۾ رهندو هو. انهيءَ کان
ٿيهه ورهيه پوءِ، ابن ويصان پيدا ٿيو. ماني
وري، ايران جي بادشاهه شاپور بن
اردشير جي زماني ۾ هو. مزدک، قباد
جو همعصر هو. مرقيون جي ڪتاب جو
نالو انجيل هو، جو جنسي عربيءَ ۾
ترجمو ٿيل آهي. مرقيون جي مذهب جو
مکيه اصول هيءُ هو ته جهان روشنائيءَ
۽ اونداهيءَ مان پيدا ٿيو آهي ۽ خدا،
جهان نه ٺاهيو آهي، چالاءِ جو اُهو، برائيءَ
کان خالي ناهي ۽ خدا، برائي کي ذهن
کين پيدا ڪندو. ابن ويصان، مرقيون
جي مذهب جي هڪڙي شاخ چئي ٿي
سگهجي. انهيءَ جا ٽي ڪتاب ترجمو ٿيا:

ڪتاب النـور والظلمـه، ڪتـاب روحـانيت حق، ڪتاب المتحرڪ والجماد.
مانيءَ ،نبوت جي دعوى ڪئي ۽ پاڻ کي، فارقليط سمجهندو هو، انهيءَ به، پنهنجـو هڪ انجيـل لکيـو. انهيءَ جـو عقيـدو اهـو هو، ته روشـنائي ۽ اونـداهي، قـديم آهن. انهيءَ جي فقــه ۾، جــانورن کي کهڻ ۽ نباتـات تـوڙي باهـه ۽ پـاڻيءَ کي نقصـان رسـائڻ، حــرام آهي. مــانيءَ جــا سـت ڪتــاب آهن، جن مــان هڪــڙو، فارســي زبـان ۾ ۽ ڇهـه سـرياني ٻـوليءَ ۾ آهن. اُهي ڇهــه هي آهن: سفرالاســرار، ســفر الجبارت، فرايض السماعين، شــاپورگان، ســفر الاحيــاءِ ۽ فرقماطيــه. انهن کــان سواءِ، ماني جا ٻيا بـه ڪيـترا رسـالا آهن، جن سڀني جا، عربيءَ ۾ ترجما ٿيا. علامه ابو ريحـان بـيروني ۽ ابن النـديم، پنهنجن ڪتابن ۾، انهن جو پتو ڏين ٿا. مـانيءَ جـا عربي ترجمو ٿيل ڪتاب، ايترو ته مشهور ٿي ويا، جو گهڻا ماڻهو، سندس مذهب جا شمار ٿيڻ لڳا. گهڻا معتبر عـالم ۽ مـاڻهو، جن مانيءَ ۽ سندس ڪتـابن بـابت لکيـو،

سي انهيءَ بدناميءَ هيٺ آيل هئا، پر حقيقت ڪري، اُهي ماڻهو، آزاد خيال وارا ۾ بي تعصب هئا ۾ هنن جو مدعا اهو هو، ته ٻين جي مذهبن جي اصولن جي خبر پوي. متعصب ماڻهن جي نظر ۾، غير مذهب وارن جو نالو وٺڻ به، ڪفر ليکبو هو.
ايران ۾، پونئين مذهب جو باني مزدڪ هو، جو نوشيروان جي پيءُ، قباد جي زماني ۾ رهندو هو ۾ جنهن جو معتقد، قباد پاڻ هو. مزدڪ جو مذهب، قريب، هاڻوڪن بولشوسڪ يا سوشلسٽن وارو هو. يعني سڀ ڪنهن ماڻهوءَ کي، ٻئي ماڻهوءَ جي مال ملڪ ۾ ناموس تي اختيار آهي، انهيءَ ڪري زنا، گناهه شمار ٿيل نه هو. مزدڪ جي ڪتاب جو عربي ترجمو به، عبدالله بن المقنع ڪيو ۾ علامه بلخيءَ، انهيءَ بابت، هڪڙو ڪتاب لکيو، جنهن جو نالو”عيون المسائل والجوابات“ آهي.

علم ادب وانشا

فارسي قصن □ ڳالهين جا كي كتاب به، مسلمانن كي هٿ آيا، جي هنن عربيءَ □ ترجمو كيا. انهن مان مكيه كتاب هزار افسانه هو. جو ايران جي بادشاهن كي رات جي جاڳڻ جي عادت وجهڻ لاءِ پڙهندا هئا. انهيءَ جو ترجمو، عربيءَ □، الف الليله نالي سان ٿيو. اصلوكي كتاب □، هڪ هزار □ ٻن سون كان كي گهٽ راتيون هيون. هاڻوكو الف الليله اهو ناهي، اُهو، هكڙي ٻئي كتاب تان ٺاهيل آهي، جو محمد بن عبدوس جهشياريءَ، گهڻيون آكاڻيون گڏ كري، هكڙو نئون كتاب بنايو، جنهن جو ذكر ابن النديم كيو آهي.

بوسفارس، محه خسروا، مرمن، خرافته ونزه، خرس وخرگوش، سگ زمانه، شاه زنان، روزبه، نمرود نامه، يتيمه، عهدارد شير، كليله ودمنه، عمارت بن حمزه، ماهانيه، نامئه فرخ زاد، نامه مهران وحسيس. انهن مان پونيان ٻه، ته

نوشيروان جي وزير بوز جمهر جي لاءِ، انهن نالن وارن موبدن لکيا هئا، ۾ ڪليله ودمنه، اهو آهي، جنهن مان پوءِ، انوار سهيلي ٿيو، ۾ يتيمه، اهو مشهور عمدو ڪتاب آهي، جو ايراني، قرآن مجيد جي مقابلي ۾ پيش ڪندا هئا ۾ جنهن جو جواب، علامه باقلانيءَ ڪي، پنهنجي ڪتاب، اعجاز القرآن ۾ ڏيٽو پيو.
انهيءَ ساڳئي مضمون تي، مٿين ڪتابن ڪان سواءِ، هيٺيان فارسي ڪتاب به، عربيءَ ۾ ترجمو ٿيا: آداب ڪبير، آداب صغير، جي ٻئي، عبدالله بن المقنع ترجمو ڪيا. اردشير في التدبير ۾ بن مردبود، جن مان پهريون، اردشير بادشاهه لاءِ ۾ ٻيو هرمز بن ڪسرى لاءِ لکيو ويو هو. توقيعات ڪسرى، جنهن ۾ نوشيروان جا جاري ڪيل فرمان ۾ حڪم آهن، بفردوس، ۾ موبد موبدان، جي ٻئي، اخلاق جا ڪتاب آهن.

جنگ جو هنر

جنگ جي هنر تعليم جا کي فارسي ڪتاب به، عربيءَ ترجمو ٿيا. انهن مان مکيه آداب الحروب آهي، جنهن لشڪر بيهارڻ، قلعن شهرن جي گهيري ڪرڻ سرحدن جي مضبوطائيءَ اهڙين ٻين تجويزن جو ذڪر آهي. اُهو، اردشير جي لاءِ تيار ڪيو ويو هو. تعبيه الحروب، آداب السادرت، جن ۾نهي پيادن سوارن جا قواعد آهن. ڪتاب الرمی، جو تيراندازيءَ بابت آهي بهرام گور جو جوڙيل هو گوي وچوگان، بهدريءَ جي مشهور راند بابت هو.

انهن کان سواءِ، شڪاربازي بيطاري قيافه ٻين مضمومن بابت ڪتابن جا به ترجما ٿيا، جن جا نالا، ابن النديم جي فهرست ڏنل آهن، جنهن اٽڪل پنجويهن ٿيهن مترجمن جا نالا ڏنل آهن.

مٿين ڪتاب مصنفن کان سواءِ، هيٺيان قديم ايراني بزرگ پڻ آهن، جن جون تصنيفون به، عربيءَ ترجمو ٿيون. ايران جو بادشاهه هوشنگ، پيغمبرن شمار ڪيل آهي سندس ڪتاب به، ايراني

پيغمبرن جي ڪتاب ”دساتير“ ۾ داخل
آهن. هن جو هڪڙو ڪتاب، حڪمت عمليءَ
بابت، جاودان خرد نالي، جو وزير گنجور بن
اسفنديار، قديم فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو،
جنهن تان خليفي مامون عباسيءَ جي وزير
حسن بن سهل، عربيءَ ۾ لکيو ۽ انهيءَ
جي تڪميل، ابوعليءَ ڪئي. حڪيم
جاماسپ، جو گشتاسپ جو پاءُ هو ۽
زردشت جو به شاگرد هو ۽ هندي حڪيم
چنڪر نڪاچه جو به شاگرد هو، تنهن جو
ڪتاب جاماسب نامه، جنهن کي فرهنگ
ملوڪ ۾ اسرعجم به چوندا آهن ۽ جنهن ۾
تارن جي اپرڻ جو ايندڙ وقت ۾ پنجن
هزارن ورهن تائين واقعا اڳوات ڏيکاريل
آهن، سو به ترجمو ڪيو ويو. حڪيم بنادق،
نوشيروان جي وقت جو مشهور طبيب هو.
انهيءَ جون نصيحتون، ابوعلي سينا، نظم ۾
آنديون. حڪيم اصطفن به، هڪڙو ڪلداني
منجم هو، جنهن جو ڪتاب پڻ، ترجمو ٿيو.